REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 26 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 10 ربيع الثاني 1445هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 149

حڪومتي الٽيميٽم صرف افغان شهرين لاءِ نه، سمورن پرڏيهين لاءِ آهي: سرفراز بگٽي

اسان غيرقانوني طور رهندڙ ماڻهن بابت چيو هو پر ان جو غلط پيغام هلايو ويو، اسان غيرقانوني طور پاڪستان ۾ رهندڙ پرڏيهين کي ڪڍڻ جي ڳالهه ڪئي هئي

حڪومت جو پيغام صرف افغان شهرين لاءِ ناهي، غيرقانوني طور رهندڙ سمورن ماڻهن لاءِ آهي

ڪنهن وٽ ريفيوجي ڪارڊ آهي يا ويزا آهي ته اسان جو مهمان آهي، حڪومت ايران کان آيل بلوچن کي به ڪڍي رهي آهي

تاثر ڏنو پيو وڃي ته هي نسلي معاملو آهي، پر اهو نسلي معاملو نه آهي، انهن سڀني غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي نيڪالي ڏيڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون

وفاقي حڪومت غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ 31 آڪٽوبر تائين جي ڊيڊ لائين ڏني آهي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي جو چوڻ آهي ته حڪومت جو الٽي ميٽم صرف افغان شهرين لاءِ نه غيرقانوني طور رهندڙ سمورن پرڏيهين لاءِ آهي. سينيٽ جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي ۾ بريفنگ ڏيندي سرفراز بگٽي جو چوڻ هو ته اسان غيرقانوني طور رهندڙ ماڻهن بابت چيو هو پر ان جو غلط پيغام هلايو ويو، اسان غيرقانوني طور پاڪستان ۾ رهندڙ پرڏيهين کي ڪڍڻ جي ڳالهه ڪئي هئي. سرفراز احمد جو چوڻ هو ته حڪومت جو پيغام صرف افغان شهرين لاءِ ناهي، غيرقانوني طور رهندڙ سمورن ماڻهن لاءِ آهي. ڪنهن ملڪ اٿين ناهي ٿيندو ته ڪو غيرقانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ تي اعتراض، فوج جو آرٽيڪل 245 کان ٻاهر ڪم ناهي: چيف جسٽس

آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جو قانوني وجود چا آهي؟ قانوني وجود نه رکندڙ ڊائريڪٽوريٽ درخواست نه ٿو ڏئي سگهي: سپريم ڪورٽ

آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جيڪڏهن متاثر ڌر به هجي ته وفاقي حڪومت ذريعي درخواست داخل ڪرائي سگهي ٿو

قانوني وجود نه رکندڙ درخواست گذار جو ڪيس نه ٿا ٻڌي سگهون، سنڌ هاءِ ڪورٽ عسڪري فور جي پارڪنگ ايريا ۾ گهڻ ماڙ عمارت جي تعمير روڪڻ جو حڪم ڏنو هو

آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ سان رجوع ڪيو هو

آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جو قانوني وجود چا آهي؟ قانوني وجود نه رکندڙ ڊائريڪٽوريٽ درخواست نه ٿو ڏئي سگهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ڪراچي ۾ گهڻ ماڙ عمارت جي اڏاوت روڪڻ خلاف آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جي درخواست رد ڪري ڇڏيعدالت آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جي وجود تي سوال اٿاري ڇڏيا، سپريم ڪورٽ سوال ڪندي چيو ته آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جو قانوني وجود چا آهي؟ قانوني وجود نه رکندڙ ڊائريڪٽوريٽ درخواست نه ٿو ڏئي سگهيعدالت رمارڪس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عدالت کان ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جو سمورو علائقو ثقافتي ورثو نه آهي: عمر سومرو

جيڪڏهن سڄي ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏنو وڃي ته پوءِ معدني وسيلا ڪيئن استعمال ٿي سگهندا؟

عدالت کان اهو ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جا ڪهڙا علائقا ثقافتي ورثو آهن

ڪارونجهر جي معاملي تي عدالت سان غلط بياني ڪئي وئي آهي: سنڌ جي قانون ۽ انصاف واري نگران وزير،

جيڪب آباد (رپورٽر) سنڌ جي قانون ۽ انصاف واري نگران وزير عمر سومرو چيو آهي ته ڪارونجهر جي معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گمراهه ڪيو ويو آهي، ثقافتي ورثو محفوظ بڻائڻ واري هاءِ ڪورٽ جي فتويٰ سان ڪنهن کي به اختلاف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

زلفي بخاري کي انٽرپول ذريعي گرفتار ڪري پاڪستان آڻڻ جو فيصلو

گهرو وزارت ايف آءِ اي کي زلفي بخاري جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرڻ لاءِ انٽرپول سيڪريٽريٽ فرانس کي درخواست موڪلڻ جي هدايت ڪئي

پي ٽي آءِ اڳواڻ خلاف 18 مارچ تي گولڙا ٽائي ۾ دهشتگردي روڪ ايڪٽ تحت ڪيس داخل ٿيو

ايف آءِ اي انٽرپول ذريعي زلفي بخاري جي گرفتاري جي قانوني ڪارروائي شروع ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) گهرو وزارت تحريڪ انصاف اڳواڻ زلفي بخاري جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، گهرو وزارت ايف آءِ اي کي زلفي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

تحريڪ انصاف اڳواڻ زلفي بخاري (فائيل فوٽو)

نگران حڪومت "پي پال" ۽ "اسٽرائپ" پيمنٽ جي حوالي سان خوشخبري ٻڌائي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن بابت نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سجاول لڳ حادثو، 2 ٻارڙن سميت 3 ڄڻا فوت، 20 ڄڻا زخمي

دمدمون لڳ تيز رفتار سوزوڪي پڪ اپ جو ٽائر ڦاٽڻ سبب سامهون ايندڙ ڊاٽسن سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

سوزوڪي ۾ سوار ڪولهي برادري جو 13 سالا نينگر نوربو ۽ 3 سالن جي نينگري ڪچري ۽ ڊاٽسن ۾ سوار حيدر ملاح نالي اڌروٽ همراهه فوت ٿي ويا

حادثي جو شڪار ٻنهي گاڏين ۾ سوار 7 عورتون ۽ 4 ٻارڙن سميت 20 ڄڻان زخمي ٿي پيا

سجاول (رپورٽر) سجاول_ٺٽو روڊ تي دمدمون لڳ تيز رفتار سوزوڪي پڪ اپ جو ٽائر ڦاٽڻ سبب سامهون ايندڙ ڊاٽسن سان زوردار ٽڪر ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ سوزوڪي ۾ سوار ڪولهي برادري جو 13 سالا نينگر نوربو ۽ 3 سالن جي نينگري ڪچري ۽ ڊاٽسن ۾ سوار حيدر ملاح نالي اڌروٽ همراهه فوت ٿي ويا. جڏهن ته حادثي جو شڪار ٻنهي گاڏين ۾ سوار 7 عورتون ۽ 4 ٻارڙن سميت 20 ڄڻان زخمي ٿي پيا.جن مان هڪ فوتي حيدر ملاح ۽ ٻن زخمين کي مقامي ماڻهن سول اسپتال سجاول پهچايو. جڏهن ته 2 فوتي ٻارڙن ۽ 18 زخمين کي پاڪ نيوي جي جوانن جي مدد سان ٺٽو اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سجاول_ٺٽو روڊ تي دمدمون لڳ ٿيل روڊ حادثي واري هنڌ زخمين کي اسپتال ۾ ڪنيو پيو وڃي

اسرائيل تمام ننڍو ۽ ڪمزور آهي، ايران خلاف ڪا به غلطي نه ڪري: ايراني سفير

اسرائيل جي بربريت پهريان کان وڌيڪ آهي بي رحم ۽ وڏي پيماني تي آهي: ڊاڪٽر رضا اميري

حملا انسان دوست پر جنگي اصولن جي به ابتڙ آهن ۽ صيهوني ظلمن تي عالمي طاقتن اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن

اسرائيلي شين تي پابندي لڳائين ۽ معاشي لاڳاپا ختم ڪندي اسلامي ملڪ پنهنجا باردرز کولين ته جيئن فلسطينين جي امداد ٿي سگهي

اسلام آباد (م ڊ) ايراني سفير ڊاڪٽر رضا اميري خبردار ڪيو آهي ته اسرائيل تمام ننڍو ۽ ڪمزور آهي ايران خلاف ڪا به غلطي نه ڪري ۽ مطالبو ڪيو ته اسلامي ملڪ اسرائيل سان لاڳاپا ختم ڪن. ايراني سفير ڊاڪٽر رضا اميري خانگي ٽي وي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

معاشري ۾ صحتمند سرگرمين جو رجحان وڌائڻ سان نوجوانن جي صلاحيتن ۾ بهتري ايندي آهي: ارشد ولي محمد

سنڌ جي ساموندي پٽي ۾ ماهي گيري جي مقامي صنعت کان علاوه شوقين ماهي گيري نوجوان به هن صحتمند راند ۾ اڳتي اچي رهيا آهن

صوبائي حڪومت ان سلسلي ۾ هر ممڪن سهڪار ڪندي ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ ماهرن جون خدمتون پڻ فراهم ڪيون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير سياحت، ماحوليات ۽ ساموندي ترقي ارشد ولي محمد چيو آهي ته معاشري ۾ صحتمند سرگرمين جو رجحان وڌائڻ سان نوجوانن جي صلاحيتن ۾ بهتري ايندي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پيپلزپارٽي شهيدن جي پارٽي آهي جنهن عوام لاءِ جاني قربانيون ڏنيون آهن: سيد خورشيد شاهه

ڪجهه ماڻهن غريب عوام کي لکين گهر ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر گهر ته نه مليا پر مهانگائي ملي

سياست لاءِ ادارا ناهيون ساڙيندا پيپلزپارٽي وارن پنهنجو پاڻ کي ساڙيندا آهن پيپلزپارٽي وارن ڪوڙا کاڌا آهن

پيپلزپارٽي صاف شفاف اليڪشن چاهي ٿي پيرا شوٽ جي سياست تي اسان يقين نٿا رکون

سکر (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته ڪجهه ماڻهن غريب عوام کي لکين گهر ڏيڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

فوڊ فورٽيفڪيشن پروگرام جي ساليانه پيش رفت جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس مقامي هوٽل ۾ منعقد

ڪراچي (رپورٽر) فوڊ فورٽيفڪيشن پروگرام جي ساليانه پيش رفت جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق منصوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ جي دور ۾ ترقياتي پروگرام جا پئسا پروپيگنڊا لاءِ استعمال ڪرڻ جو انڪشاف

خيبرپختونخواهه جي بجيٽ ۾ انهي پراجيڪٽ جي لاڳت 870 ملين روپيه رکي وئي هئي

ساليانو ترقياتي پروگرام جي آڙ ۾ سوشل ميڊيا ٽيمن کي ناڪاري ڳالهيون پکيڙڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو

پشاور (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي دور ۾ سرڪاري سوشل ميڊيا ٽيمن ذريعي وڏي پيماني تي پروپيگنڊا ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي.ان حوالي سان جاري ڪيل انگن اکرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته خيبرپختونخواهه جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ پلاسٽڪ ڪرنسي متعارف ڪرائڻ جي تجويز

سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

مارڪيٽ ۾ هڪ هزار جي جعلي نوٽ جو استعمال سڀ کان وڌيڪ آهي: چيئرمين

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جعلي ڪرنسي نوٽن جي روڪٿام لاءِ پلاسٽڪ ڪرنسي متعارف ڪرائڻ جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آمريڪا اسرائيل جي حفاظت ڪندو، ايران نئون محاذ نه کولي: آمريڪي پرڏيهي وزير

گڏيل قومن کي ڪنهن به ملڪ جي پنهنجي دفاع جي حق جي منظوري ڪرڻ گهرجي: انٽوني بلنڪن

ڪائونسل جو ڪو به ميمبر پنهنجي ماڻهن جي قتل عام کي برداشت نٿو ڪري سگهي

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اجلاس ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن حماس جي مذمت جو مطالبو ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي جي پاڻي ۾ خطرناڪ وائرس جي موجودگي، ماهرن خبردار ڪري ڇڏيو

پاڻي ۾ ڪلورين جو گهربل مقدار نه هجڻ سبب اهو وائرس موتمار بڻجي ويندو آهي: ماهر

نگليريا سبب ڪراچي ۾ هلندڙ سال هيل تائين 9 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن

ڪراچي (م ڊ) انساني دماغ کائيندڙ جراثيم نگليريا سبب ڪراچي ۾ هلندڙ سال هيل تائين 9 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. ماهرن خبردار ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ سرڪار پنج تعليمي بورڊز جي سربراهن کي فارغ ڪري ڇڏيو

ڪراچي ۽ حيدرآباد جا اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻي جا بورڊ شامل

سرچ ڪميٽي جي بنا پرتي ڪيل سنڌ جي پنج تعليمي بورڊن جي چيئرمينز کي ڪم کان روڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي تعليمي بورڊن جي پنج سربراهن کي عهدن تان هٽايو ويو. جن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ، ميرپورخاص/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسٽيٽ بينڪ 4 بينڪن تي 8 ڪروڙ 31 لک روپيا ڏنڊ وجهي ڇڏيو

يو بي ايل، بينڪ آف پنجاب، جي ايس بينڪ، الائيڊ بينڪن تي ڏنڊ وڌو ويو

بئنڪ ناڻي جي ليڻ ڏيڻ ۽ جنرل بينڪن جي قائدن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث هئا

ڪراچي(رپورٽر) اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان قائدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي تي 4 بينڪن يو بي ايل، بينڪ آف پنجاب، جي ايس بينڪ ،الائيڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

خيرپور: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

چين جو بچاءَ وارو وزير عهدي تان برطرف

سرڪاري خبرو ايجنسي شانگ فو کي عهدي تان هٽائڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

اڳوڻي پرڏيهي وزير چن گانگ کي به ڪابينه مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪري ورتو

بيجنگ (م ڊ) چين جي بچاءَ واري وزير لي شانگ فو کي عهدي تان برطرف ڪيو ويو آهي. چين جي سرڪاري خبرو ايجنسي شانگ فو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ ۾ سون جو اگهه وڌيڪ گهٽجي ويو

في تولي سون جي قيمت 750 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 2 لک 450 رپيا ٿي وئي

ڏهه گرام سون 643 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ 1 لک 78 هزار 712 روپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جو اگهه وڌيڪ گهٽجي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئشن موجب ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي ٽي آئي چيئرمين جي حياتي کي خطرو آهي، انتظار پنجوٿا

پي ٽي آئي چيئرمين جي درخواست مقرر ٿي به وڃي ته جواب نٿو اچي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جيل سيڪيورٽي ڪيس وڌيڪ هڪ هفتي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو: وڪيل

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آئي جي چيئرمين عمران جي وڪيل انتظار پنجوٿا چيو آهي ته پي ٽي آئي چيئرمين جي حياتي کي خطرو آهي، انتظاميا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران اجتماعي زيادتي جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي جو اظهار

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران عملدرآمد بابت جواب جمع نه ڪرائڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو

سنڌ ۾ ٻارن ۽ عورتن سان ڏاڍائي جا 2 هزار ڪيس رپورٽ ٿيڻ باوجود اينٽي ريپ ٽرائل ايڪٽ 2021 تي

سنڌ ۾ ٻارن ۽ عورتن سان ڏاڍائي جا 2 هزار ڪيس رپورٽ ٿيڻ باوجود اينٽي ريپ ٽرائل ايڪٽ 2021 تي عمل نه ٿي سگهيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

سپريم ڪورٽ: فيض آباد ڌرڻو نظرثاني ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ فيض آباد ڌرڻو نظرثاني ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار طرفان ان ڪيس ۾ اٽارني جنرل سميت تمام لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. جنهن موجب چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ قائم ٽي رڪني بئنچ پهرين نومبر تي فيض آباد ڌرڻو نظرثاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جيڪڏهن مان ايوان صدر ۾ نه هجان ها ته جيل ۾ هجان ها: صدر عارف علوي

تحريڪ انصاف چيئرمين اڄ به منهنجو ليڊر آهي، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس مان نه موڪليو هو

وزيراعظم هائوس مان آيو هو ۽ پوءِ اڳوڻي وزيراعظم به چيو هو ته اهو ريفرنس نه موڪلڻ گهرجي ها

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي چيو آهي ته جيڪڏهن مان ايوان صدر ۾ نه هجان ها ته جيل ۾ هجان ها.نجي ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ عارف علوي چيو ته تحريڪ انصاف چيئرمين اڄ به منهنجو ليڊر آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان بنانا ري پبلڪ ناهي، جمهوري معيار مستحڪم هجڻ گهرجن: شيري الرحمان

اليڪشن جي حوالي سان اڃا به ابهام آهي، آئيني گهرڻ مطابق ڪائي ڳجهي صورتحال نه هجڻ گهرجي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تسلسل ۽ مستقل مزاجي سان اليڪشن جي تاريخ جو مطالبو ڪري رهيو آهي

هن وقت ڳالهه ٿيڻ گهرجي ها ته گئس جون قيمتون ڇو وڌي رهيون آهن پي آئي اي جو فلائيٽ آپريشن ڇو بند آهي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (اين اين آءِ) پ پ جي نائب صدر اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر شيري الرحمان چيو آهي ته اليڪشن جي حوالي سان اڃا به ابهام آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڳجهي چاڻ تائين پهچ لاءِ نئين سوشل انجنيئرنگ ٽيڪنڪ جي استعمال جو انڪشاف

اسلام آباد (م ڊ) ڳجهي چاڻ تائين پهچ لاءِ نئين انجنيئرنگ ٽيڪنڪ جي استعمال جو انڪشاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نادرا کي جعلي پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ افغانين جا سجاڳ ڪارڊ رد ڪرڻ جي هدايت

سعودي عرب ۾ 12 هزار افغانين وٽان جعلي پاڪستاني پاسپورٽ برآمد ٿيا هئا

ڪوئيٽا ۽ پشاور مان ساڍا 5 هزار سجاڳ ڪارڊ افغان شهرين کي جاري ڪيا ويا: ايف آءِ اي ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) گهرو وزارت نادرا کي جعلي پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ ساڍا 12 هزار افغان شهرين جا سجاڳ ڪارڊ رد ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. سعودي عرب ۾ 12 هزار افغانين وٽان جعلي پاڪستاني پاسپورٽ برآمد ٿيا هئا، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ پوليس جي آفيسر ۽ اهلڪارن جو آئل اسمگلنگ ۽ ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف

سنڌ ۾ پوليس جي آفيسر ۽ اهلڪارن جي آئل اسمگلنگ ۽ ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

غير قانوني آئل اسمگلنگ ۽ بين ڏوهن ۾ ملوث سنڌ جي 19 آفيسرن ۽ اهلڪارن جي معطل ڪيو ويو آهي

آفيسرن ۾ انسپيڪٽر، سب انسپيڪٽر ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر کان علاوه هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل به شامل آهن

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پوليس جي آفيسر ۽ اهلڪارن جي آئل اسمگلنگ ۽ ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ۽ هن وقت تائين 19 آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. سمورن جو تعلق ڪشمور، سکر، خيرپور، شڪارپور ۽ جيڪب آباد سان آهي. غير قانوني آئل اسمگلنگ ۽ بين ڏوهن ۾ ملوث سنڌ جي 19 آفيسرن ۽ اهلڪارن جي معطل ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان نوٽي فڪيشن ۾ جاري ڪيو ويو آهي. آفيسرن جي حوالي سان جاري ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آفيسر ۽ اهلڪار نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. انهن آفيسرن ۾ انسپيڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

غير قانوني پرڏيهين سبب معيشت تباهه ٿي ۽ ڏوهه وڌيا: آفاق احمد

فلسطين ۾ اسرائيل جي ظلمن تي اسان ڏکارا آهيون، احتجاج، ريلين ۽ بيانن کانسواءِ ڪجهه نٿا ڪري سگهون

اسان مجبور آهيون، حڪمران اسرائيل کي لغام ڏيارڻ لاءِ او آءِ سي تي دٻاءُ وجهن

اسٽريٽ ڪرائم جو وڏو سبب به غير قانوني پرڏيهي آهن، غير قانوني پرڏيهين جي واپسي جو فيصلو جرئتمندانو آهي

ڪراچي (م ڊ) مهاجر قومي موومينٽ جي چيئرمين آفاق احمد چيو آهي ته فلسطين ۾ اسرائيل جي ظلمن تي جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي اهو مسلمان ملڪن جي حڪمرانن کي ڪرڻو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي آفاق احمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪي اليڪٽرڪ کي بجلي ورڇ ڪندڙ تمام ڪمپنين کان وڌيڪ سبسڊي ڏيڻ جو انڪشاف

حڪومت تمام بجلي ڪمپنين کي گڏائي به ڪي اليڪٽرڪ کان گهٽ سبسڊي ڏئي رهي آهي: سيڪريٽري پاور ڊويزن

بجلي جي ورڇ ڪندڙ 3 ڪمپنيون وفاق کان ڪا به سبسڊي ناهن وٺي رهيون: راشد لنگڙيال

اسلام آباد (م ڊ) بجلي جي ورڇ ڪندڙ سرڪاري ڪمپنين جي پيٽ ۾ ڪراچيءَ ۾ بجلي جي ورڇ ڪندڙ نجي ڪمپني ڪي اليڪٽرڪ کي سڀ کان وڌيڪ سبسڊي ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، سيڪريٽري پاور ڊويزن راشد لنگڙيال/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

گم ٿي ويل ماڻهن جي گهرڀاتين کي معاوضو ادا ڪرڻ بابت درخواست تي رپورٽ طلب

سنڌ هاءِ ڪورٽ لاپتا ماڻهن جي گهرڀاتين کي معاوضو ادا ڪرڻ بابت درخواست تي وفاقي گهرو سيڪريٽري کان رپورٽ گهري ورتي

عدالت لانڍهي جي علائقي مان لاپتا شهري حسن جي گهرڀاتين کي فوري معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

عدالت معاوضي جي رقم ادا ڪري 27 نومبر تي سنڌ جي گهرو سيڪريٽري کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو

غزه: اسرائيل جي بمباري ۾ تباهه ٿيل گهرن جي ملبي کي ڪرين ڪڍي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ لاپتا ماڻهن جي گهر ڀاتين کي معاوضو ادا ڪرڻ بابت درخواست تي وفاقي گهرو سيڪريٽري کي اينڊز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

گٽڪي سمگلنگ ڪيس ۾ جيڪب آباد جي عدالت جوابدار کي انوکي سزا ٻڌائي ڇڏي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد جي عدالت گٽڪي سمگلنگ ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي جو پارڪ ڪروڙين روپيه ماليت جي سرڪاري گاڏين جو قبرستان بڻجي ويو

ڪراچي جو پارڪ ڪروڙين روپين جي ماليت جي سرڪاري گاڏين جو قبرستان بڻجي ويو آهي

سرڪاري آفيسرن ۽ ملازمن جي استعمال ۾ رهندڙ گاڏيون زبون حال اس ۾ سڙي رهيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جو پارڪ ڪروڙين روپين جي ماليت جي سرڪاري گاڏين جو قبرستان بڻجي ويو آهي. سرڪاري آفيسرن ۽ ملازمن جي استعمال ۾ رهندڙ گاڏيون زبون حال اس ۾ سڙي رهيون آهن. سون جي انگ ۾ نيون ۽ قيمتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنڌڪوٽ ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

جوابدارن نيو سبزي منڊي وٽان ٻه نقاب پوش موٽرسائيڪل سوارن پاران اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي : مظاهرين

اسان ايس ايس پي ڪشمور مير روحيل کوسي کي اپيل ڪيون ٿا ته نااهل آفيسرن کي هٽائي سٺا آفيسر مقرر ڪيا وڃن

معاملي جو نوٽيس وٺي اغوا ڪارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ)ڌرتي ڌڻي تحريڪ پاران پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويو، احتجاجي ريلي ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي ضلعي آفيس کان شهر جي مختلف هنڌن کان پريس ڪلب تي پهتي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو گذريل ڏينهن 10 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڌڪوٽ: ڌرتي ڌڻي تحريڪ پاران پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر جو سينيئر راڳي محمد يونس چنو بيماري جي بستري تي پيل، واهر جي اپيل

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جو سينيئر راڳي محمد يونس چنو بيماري جي بستري تي سول اسپتال سکر داخل ثقافت کاتي اختيارين کي سرڪاري خرچ تي نجي اسپتال مان علاج ڪرائڻ جي اپيل ان سلسلي ۾ سکر جي سينيئر راڳي محمد يونس چنو ثقافت کاتي سنڌ جي وزير، سيڪريٽري ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارن کي اپيل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سجاول پرسان روڊ حادثي ۾ 3 ڄڻا فوت، 15 کان مٿي زخمي

سيد پور ٺٽو سجاول روڊ تي سوزڪي ۽ ڊاٽسن جو آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

زخمين مان ضمير ڪوڪر جي نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪراچي روانو ڪيو ويو

سجاول(رپورٽ ممتاز علي نهڙيو)سجاول پرسان روڊ حادثي جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا فوت 15 کان مٿي زخمي ٿي پيا، سجاول ويجهو سيد پور ٺٽو سجاول روڊ تي سوزڪي ۽ ڊاٽسن جو آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو ٽڪر جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا ٻن فوتين ۽ 15 کان مٿي زخمين کي ايڌهي ذريعي مڪلي اسپتال روانو ڪيو ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو دادو جو رهواسي حيدر ملاح ۽ ٻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهرو فيروز : ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ جي انسپيڪشن ٽيم پاران سول اسپتال جو دورو

سنڌ جي انسپيڪشن ٽيم دوري دوران رڪارڊ چيڪ ڪرڻ سان گڏ مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو

سول اسپتال جو دورو نهايت ئي مؤثر رهيو، اسپتال ۾ مريضن کي تمام سهولتون ملي رهيون آهن : عملدار

بجليءَ جي بحران جون شڪايتون عام آهن مريضن جون ليبارٽري، ٽيسٽون، ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ نه پيا ٿين

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ جي انسپيڪشن ٽيم جو سول اسپتال نوشهروفيروز جو اچانڪ دورو، رڪارڊ چيڪ ڪرڻ سان گڏ مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو. جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي انسپيڪشن ٽيم جي اڳواڻ ڊاڪٽر شاهزيب ۽ ڊاڪٽر غياث الدين سنجراڻي چيو ته پوري سنڌ جي اسپتالن جي صورتحال جو جائزو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڊاڪٽر لياقت علي پناڻ ايران ۽ عراق کان مقدس زيارتون ڪرڻ بعد سکر پهچي ويو

سکر(رپورٽر) ڊاڪٽر لياقت علي پناڻ گهر ڀاتين سميت ايران ۽ عراق کان مقدس زيارتون ڪرڻ بعد سکر پهچي ويو دوستن پاران ڪيس کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون. تفصيل موجب، ريڊيو ذريعي مريضن کي علاج ۽ بيمارين کان بچڻ لاءِ مفت مشورو ڏيندڙ جڳ مشهور پروفيسر ڊاڪٽر آغا لياقت علي پناڻ پنهنجي گهرواري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: ڊي جي هيلٿ جي انسپيڪشن ٽيم سول اسپتال جو دورو ڪندي

ٺٽي ۾ مختلف اين جي اوز ٻوڏ متاثرن جي نالي تي ڦرلٽ ۽ ڪرپشن جو بازار گرم ڪري ڇڏيو

ڪيترين ئي تنظيمن ڪاروبار جي نالي تي نوجوانن کان ملبل رقم هڙپ ڪري ورتي، اختيارين خاموش

سوين غير سرڪاري ادارن ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ عارضي آفيسون قائم ڪيون ويون

آر ڊي ايف جي ڪاررواين جي جاچ ڪري جيڪڏهن ثبوت مليا ته ڪارروائي ڪئي وڃي : رهواسي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز ٻوڏ متاثرن جي نالي تي ڦرلٽ ۽ ڪرپشن جو بازار گرم ڪري ڇڏيو جڏهن ته RDF پاران ڪاروبار جي نالي تي نوجوانن کان ملبل رقم هڙپ ڪري ورتي ٺٽو ضلعو جيڪو هر وقت قدرتي آفتن جي لپيٽ ۾ هجي ٿو جتي برساتن، ٻوڏن ۽ طوفانن سبب عوام کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اهڙي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جان محمد سوسائٽي پرسان مختلف ڳوٺن جي مسجدن ۾ سولر لائيٽون لڳايون ويون

اسان بنا ڪنهن فرق جي يوسي جي پوئتي پيل ڳوٺن کي بنيادي صحولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي : سعيد احمد آرائين

ڪوشش ڪري يوسي جي سمورن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا غريبن جي خدمت ڪرڻ سان دلي سڪون ملي ٿو

تمام جلد يوسي قاضي بادل مهر جي ٻين ڳوٺن جي مسجدن ۾ سولر لائيٽون لڳايون وينديون

جان محمد سوسائٽي(رپوٽ غلام رسول مهر) يوسي قاضي بادل مهر جي چيئرمين محمد قاسم چاچڙ جي هدايتن تي وائيس چيئرمين سعيد احمد آرائين ڪائونسلر ايڊوڪيٽ عبدالستار مهر جنرل ڪائونسلر غلام حيدر مهر يوسي سيڪريٽري امان الله قاضي عبدالفتاح قاضي سينيٽر ڪلارڪ غلام شبير چاچڙ جي نگراني ۾ يوسي قاضي بادل مهر جي هيٺ ڏنل مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سنڌ جي نگران وڏو وزير پاران درگاهه سچل سرمست جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي

خيرپور (رپورٽر) سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ ۽ ستن ٻولين جي عظيم شاعر حضرت سچل سرمست جي مزار تي چادر چاڙهي ملڪ جي خوشحالي لاءِ دعا ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي وزير اعلي سنڌ ٻڌايو ته هن وقت پيٽرول ۽ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ٿي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند ۾ وڏيري پاران ٻن پائرن سميت 3 شاگردن کي گرفتار ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

علائقي جي بااثرن 64 ايڪڙ زمين تي هٿيارٻند ماڻهون ويهاري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي : مظاهرين

پٽن ۽ پائيٽن جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي ڪين وحشاڻو تشدد ڪيو ويو آهي، ٿاڻي تي ويهاري ڪيس داخل ڪيو ويو

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، پوليس وڏيري کان رشوت وٺي ميڊيڪل ليٽر ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ وڏيري ٻن پائرن سميت 3 شاگردن کي گرفتار ڪرائڻ خلاف پيرسن جو عورتن ٻارڙن سميت احتجاج انصاف جو مطالبو مانجهند ۾ بااثر جو زمين تي مبينا قبضي ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گهارو ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڪورٽ سامهون ڏينهن ڏٺي هٿيارٻندن هٿان نوجوان زخمي

ٺٽو(رپورٽر) گهارو ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڪورٽ سامهون ڏينهن ڏٺي هٿيارٻندن جي سڌي فائرنگ ۾ نوجوان عبدالرزاق ناريجو 3 گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي، گنڀير حالت ۾ ڪراچي اسپتال منتقل. جوابدار فرار. تفصيل موجب سول ڪورٽ گهارو ويجهو هٿيارٻندن سڌي فائرنگ ڪري ڪورٽ جي تاريخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مانجهند: 3 شاگردن کي گرفتار ڪرائڻ خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪارروايون جاري

پوليس حيدر آباد کان ايندڙ مزدا گاڏي کي روڪي چيڪ ڪيو، مين پڙي جو مٽريل 80 ڪٽا ۽ تيار شدا مين پڙي جا 40 ڪٽا هٿ

پوليس مزدا گاڏي کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڊرائيور گل زمان پٺاڻ کي گرفتار ڪري سنڌس مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو

ضلعي اندر منشيات فروش خلاف ڪاروائون تيزي سان جاري آهن، منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي : پوليس

ٽنڊو محمد خان(۾ مظفر علي بروهي) ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف جاري مهم دوران ڊي ايس پي ٽنڊومحمدخان محمد خان زئور ايس ايڇ او بي سيڪشن حامد اوٺو ۽ وڏو منشي اسماعيل ابڙو پنهنجي پوليس پارٽي سان گڏ خفيا اطلاع ملڻ تي ويسريا پوليس چيڪ پوسٽ وٽ ڪاروائي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دڙو ۾ مليريا جا چرڪائيندڙ راڱا، هڪ مهيني ۾ مليريا جا 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس ظاهر

خانپور، لائقپور، ٻچل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪنڊور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي

اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ مليريا جي ڪٽن جي شديد ڪوٽ، حالتون سنگين، هنگامي بنيادن تي اپا وٺڻ جي اپيل

صحت کاتي سجاول جي ڊي ايڇ او پاران اسپتالن کي بهتر بنائڻ وارين دعوائن جو پول کلي ويو آهي : رهواسي

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ مليريا جا چرڪائيندڙ راڱا، هڪ مهيني ۾ مليريا جا 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس ظاهر، اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ مليريا جي ڪٽن جي شديد ڪوٽ، حالتون سنگين، هنگامي بنيادن تي اپا وٺڻ جي اپيل. تفصيل موجب دڙو شهر سميت پرپاسي جي مختلف يوسيز خانپور، لائقپور، ٻچل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪنڊور جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان پرسان 13 ورهين جي ناري پراسرار نموني گم

والدين پاران الڳ الڳ موقف، امڙ پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو

گمشدگي واري اين سي داخل ڪرائي آهي، پوليس جاچ ڪري رهي آهي : وارث

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ايوب ڪنڌرا پرسان ويسريا ڳوٺ جي رهواسڻ 13 ورهين جي هندو ناري پوجا گوارپو پراسرار طور تي گم. والدين پاران الڳ الڳ موقف، امڙ پاران اغوا جو شڪ ظاهر . پيءُ پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سان ورلڊ بينڪ جي وفد جي ملاقات

وفد پاران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ميئر جي ڪوششن کي ساراهيو

پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف منصوبن تي ڪم جاري آهي : مرتضيٰ وهاب

ڪراچي(رپورٽر)ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئرسٽر مرتضيٰ وهاب ورلڊ بينڪ جي وفد سان چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ ملاقات ڪري مختلف گڏيل معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ورلڊ بئنڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سان ورلڊ بينڪ جي وفد جي ملاقات

ايس ايس پي ٺٽو پاران گهاري ٿاڻي جو اوچتو

قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيندڙ عبدالرزاق ناريجو تي حملي جا تفصيل ورتا

سڱاوتي تڪرار جي واقعن ۾ اهڙي قسم جا واقعا ٿيندا آهن : ايس ايس پي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو آفتاب احمد نظاماڻي جو گهاري ٿاڻي جو اوچتو دورو اڄ صبح قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيندڙ عبدالرزاق ولد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

جيجي زرينا بلوچ کي سنڌ جا ماڻهو هميشه ياد ڪن ٿا : سسئي پليجو

جيجي زرينہ بلوچ هڪ ئي وقت سنڌ جي جرئتمند ڌيءَ، استاد ۽ سياستدان هئي

جيجي زرينا بلوچ سخت آمريت جي دور ۾ جيل، جبر ۽ ظلم جو بهادري سان مقابلو ڪيو

ٺٽو(ٻر) پ پ جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو چيو آهي ته جيجي زرينا بلوچ سخت آمريت جي دور ۾ جيل، جبر ۽ ظلم جو بهادري سان مقابلو ڪندي پنهنجي وَرَ رسول بخش پليجو سان گڏجي جمهوريت لاءِ هر قدم تي سات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران اجلاس منعقد

ڪوئٽايل اجلاس ۾ ضلعن جي 9 مهينن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جو ساليانو مجلس 29 آڪٽوبر تي ٿيندو : اڳواڻ

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جو ساليانو مجلس عامله جو پروگرام 29 آڪٽوبر آچر تي مقامي هال ڪنديارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: ۾ جماعت اصلاح المسلمين جا عهديدار گڏ بيٺل نظر اچي رهيا آهن

شڪارپور ۽ پرپاسي ۾ پيداواري اثاثا مينهون فراهم

پروگرام جا مستفيد انتهائي غريب خاندانن کي جانور منتقل ڪيا ويا

مقصد غريب خاندانن جي معاشي ذريعن جي موت جي صدمي کان محفوظ بڻائڻ آهي : اڳواڻ

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)، نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) تحت شڪارپور ۽ ڪشمور_ڪنڌڪوٽ ضلعن جي 09 انتهائي مفلس ۽ غريب خاندانن کي ڊيٿ ڪليمز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪي اين شاهه ۾ فريد آباد واسي پاران احتجاج

بااثرن زمين تي قبضو ڪري اسان کي گهرن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي : متاثر پيرسن

بااثرن ۽ پوليس جي خوف جي ڪري اسان پنهنجي ٻارڙن کي اسپتال تائين به پهچائي نه ٿا سگهون

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽ : برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه پرسان فريد آباد جو رهواسي واحد بخش چانڊيو زمين تي قبضو ڪندڙ بااثرن سڪندر چانڊيو، نماڻو چانڊيو ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاج. تفصيل موجب خيرپورناٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور ناٿن شاهه: فريد آباد واسي زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر جي ماڪا ڳوٺ جي رهواسي ماڪا برادري پاران احتجاج

پوليس اهلڪار ساٿين سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري تشدد ڪيو : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي ماڪا ڳوٺ جي رهواسي ماڪا برادري جي ماڻهن بااثر پوليس اهلڪار پاران گهر تي حملو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي استاد حاڪم علي ماڪو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گهوٽڪي پوليس پاران ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ مختلف ڳوٺن تي چڙهايون

پوليس پاران آپريشن دوران 5 شڪي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا، 5 گهر ڊاهي پٽ

ڌوهارين جي گرفتاري تائين پوليس آپريشن جاري رهندو : ڊي ايس پي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ مختلف ڳوٺن تي چڙهايون، آپريشن، 5 شڪي ماڻهو گرفتار، 5 گهر ڊاهي پٽ. خبرموجب گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

مٺي ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي ورسي ملهائي وئي، پيٽا پيش

جيجي زرينہ بلوچ سنڌياڻي تحريڪ کي پنهنجا حياتي ڏني : ريڪا پيل

هن وقت به سنڌ جي هن ڏکهن وارن واري فوج کي منظر ٿيڻ جي سخت ضرورت آهي

مٺي(ن سنڌيار)سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ ٿرپارڪر پاران جيجي زرينہ بلوچ جي ورسي ملهائي وئي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ضلعي ڪانفرنس ٿي گذري سنڌياڻي تحريڪ ضلعي ٿرپارڪر جي نئين باڊي چونڊي وئي. ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جيجي زرينہ بلوچ
جي 18 هين ورسي ۽
مٺي: جيجي زرينہ بلوچ جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ عورتون خطاب ڪري رهيون آهن

ٻنون ۾ ٻيلي کاتي جي آفيس سامهون سرڪاري پلاٽ تي ٿيل مبينا قبضي خلاف آپريشن

عملدارن جي آپريشن دوران فاريسٽ کاتي جي مبينا پلاٽ تي قائم ڪيل هوٽل ڊاهي پٽ، چڪتاڻ تيز ٿي وئي

شهرين لکت ۾ شڪايت ڪئي هئي، ٻيلي کاتي جي پلاٽن تي قائم ڪيل قبضا فورن ختم ڪرايا وڃن : پرويز قريشي

ٻيلي کاتي جو راشي عملو خود سرڪاري زمينن ۽ پلاٽن کي وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث آهي : مظاهرين جون دانهون

ڏڙو(ن سنڌيار) ٻنون ۾ پوليس ۽ فاريسٽ کاتي جي اهلڪارن پاران ٻيلي کاتي جي آفيس سامهون سرڪاري پلاٽ تي ٿيل مبينا قبضي خلاف آپريشن. فاريسٽ کاتي جي مبينا پلاٽ تي قائم ڪيل هوٽل ڊاهي پٽ. چڪتاڻ خبر موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٻنون: ٻيلي کاتي جي مبينا پلاٽ تي اڏيل هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪيو پيو وڃي

ڊاڪٽر لياقت علي پناڻ گهر ڀاتين سميت ايران ۽ عراق کان مقدس زيارتون ڪرڻ بعد سکر پهچي ويو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)ڊاڪٽر لياقت علي پناڻ گهر ڀاتين سميت ايران ۽ عراق کان مقدس زيارتون ڪرڻ بعد سکر پهچي ويو، دوستن پاران ڪيس کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون. تفصيل موجب، ريڊيو ذريعي مريضن کي علاج ۽ بيمارين کان بچڻ لاءِ مفت مشورو ڏيندڙ جڳ مشهور پروفيسر ڊاڪٽر آغا لياقت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ آر ٽي اي سيڪريٽري پاران ڪارروايون

مسافر ڪوچن ۽ وينن کي بيهاري مسافرن کان ورتل ڪرائن بابت پڇا ڳاڇا

مسافرن جي ڪراين ۾ ڪمي نه ڪري غريب عوام سان زيادتي ڪري رهيا آهيو : ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) آر ٽي اي سيڪريٽري ريجن نوشهرو فيروز ضمير حسين بروهي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو لنڊ بلوچ ٽرئفڪ پوليس موٽروي پوليس ۽ روينيو عملي سان گڏجي مورو ٽول پلازا پرسان مسافر ڪوچن ۽ وينن کي بيهاري مسافرن کان ورتل ڪرائن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ مسافر ڪوچ جي هر هڪ مسافر کي ورتل اضافي ڪرايو واپس ڪرايو انهي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مٺي : ڪمشنر ميرپورخاص پاران مختلف اسڪولن جا دورا، تدريسي عمل جو جائزو ورتو

استادن تي وڏي ذميواري آهي ته هو تعليمي نظام جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن : ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص

سمورا لاڳاپيل استاد ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيڻ سان گڏ غير نصابي سرگرمين تي به ڪم ڪن

صفائي سٿرائي ۽ تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ سميت ٻيا انتظام ڪيا وڃن، غفلت ڪندڙن کي بخش نه ڪنداسين

مٺي(ب ر) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص فيصل احمد عقيلي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي سان گڏ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني، گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني ۽ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو ۽ جاڳايل تعليمي ادارن جي تدريسي عمل ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي هن جاڳايل تعليمي ادارن جي ڪلاس رومز، ليبارٽريز، لائبريرين، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مٺي: ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي اسڪول جو دورو ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ڏوهن جو مرڪز بڻجي ويو، رهواسي پريشان

نوشهروفيروز(رپورٽر) نوشهروفيروز ڏوهن جو مرڪز بڻجي ويو ڏينهون ڏينهن يا رات خالي ناهي جنهن ۾ واردات نه ٿئي گذريل رات شهر مان چئن ڄڃهن تان ڦورو مختلف شهرين کان موٽر سائيڪلون، موبائيل فونون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا مزاحمت تي ٻه شهري ڌوهارين هٿان زخمي ٿي پيا. اڄ شام چئين بجي ٻاگڙي برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي پرسان ڪوهستان واسين پاران نئين تڪبندين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن ڳوٺن کي يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ بدران يوسي جهمپير ۾ رهڻ لاءِ احتجاج ڪيو

نئين تڪبندين ۾ جيڪي سندن ڳوٺ يوسي جهمپير مان ڪٽجي يوسي جنگهڙي ۾ ويا آهن : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي متاثر ڳوٺاڻن جي ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن جي رضامندي تحت پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن

ٺٽو(ٻ ر) تازو ٿيل نئين تڪبندين ۾ يوسي جهمپير جا 55 ڳوٺ يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ بعد متاثر ڪوهستان واسين پاران سندن ڳوٺن کي يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ بدران يوسي جهمپير ۾ رهڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن توڙي ضلعي انتظاميه ٺٽو کي لکت ۾ ڏنل درخواستن توڙي ڪيل اپيلن کي مد نظر رکندي اليڪشن ڪميشن ٺٽو پاران متاثر ڳوٺاڻن کي پنهنجا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ اڪرواهه سميت سم نالن ۽ ايل بي او ڊي جي بندن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وفد پاران دورو

ورلڊ بينڪ جي وفد جي شيڊول ۾ انهن علائقن جي اسٽيڪ هولڊر ۽ آباد ڳارن سان ملڻ ورلڊ بينڪ جي فنڊن سان هلندڙ ڪمن بابت ڳالهه ٻول ڪرڻ به شامل هو

آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن بدين جي بدران وفد کي ٽنڊو محمد خان ۾ مخصوص ماڻهن جن ۾ بدين جي انهن اين جي اوز جي نمائندن سان ملاقات ڪرائي

بااثرن ۽ ڪامورن ڪنهن به صورت ۾ ورلڊ بينڪ جي ٽيم کي بدين جي پوڇڙي جي مقامي ماڻهن آبادگارن تائين نه پهچڻ جو ڏنو ويو : ذريعن جي دعويٰ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گذريل سال بدين ضلع ۾ ايندڙ ٻوڏ سبب ٿيندڙ تباهي ڪانپوءِ آبپاشي نظام جي سڌاري لاءِ ورلڊ بئنڪ کان ملندڙ اربين روپيا فنڊ جنهن ۾ اڪرواهه سميت سم نالن ۽ ايل بي او ڊي جي بندن کي مظبوط ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

هنگورجا پرسان ڳوٺ عبداللطيف وڏٽيوٽا ۾ غوثيا جماعت جي مريدن پاران احتجاجي مظاهرو

هنگورجا (رپورٽر)هنگورجا پرسان ڳوٺ عبداللطيف وڏٽيوٽا ۾ غوثيا جماعت جي مريدن مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي، لاءِ ناگري فيض محمد ۽ امتياز حسين وڏٽيوٽو جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ عبداللطيف وڏٽيوٽا ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي هٿن ۾ بينر ڪٺي تعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙن خليفو حضور بخش. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سجاول : ڊگري بوائز ڪاليج جي مقاطعي تي ڏنل سروي زمين ڪورٽ جي حڪم تي خالي ڪرائي وئي

ڪورٽ جي حڪم تي زمين خالي ڪرائي رهيا آهيون سرڪاري زمين مقاطعي تي ڏيڻ غلط عمل آهي : اي سي

35 ايڪڙ زمين 6 مقاعطيدارن حوالي هئي جنهن جو ڪيس هائي ڪورٽ ۾ هلندڙ هو : پرنسيپل محمد حسن پٽي

ڪورٽ اهو ڪيس رد ڪري ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن ڏانهن موڪليو جنهن خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو

سجاول (ٻ ر) ڊگري بوائز ڪاليج جي مقاطعي تي ڏنل سروي زمين ڪورٽ جي حڪم تي خالي ڪرائي وئي، ڊگري بوائز ڪاليج جي سروي زمين 35 ايڪڙ ڊگري بوائز ڪاليج جو پرنسيپل محمد پٽي اي سي سجاول رضوان شيخ ۽ مختيار ڪار سان گڏ سليم جمالي قبضي هيٺ آيل زمين خالي ڪرائي وئي، ان موقعي تي اي سي سجاول رضوان شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نئون ديرو پرسان پراڻي خوني تڪرار تان گهر ۾ ننڊ ستل نوجوان قتل

ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ ۾ هٿيارٻند پراڻي خوني تڪرار تان گهر ۾ گهڙي ننڊ ستل محمد حسن گوپانگ کي گوليون هڻي ويا

واقعي جي اطلاع تي پوليس ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ پهچي مقتول نوجوان جو لاش ڪڻائي نئون ديرو اسپتال پهچايو

واقعو گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي، وڌيڪ اسان جاچ ڪري رهيا آهيون : پوليس

نئون ديرو(رپورٽ شاد پٽي) نئون ديرو پرسان ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ ۾ هٿيارٻند جوابدارن پراڻي خوني تڪرار تان گهر ۾ گهڙي ننڊ ستل محمد حسن گوپانگ کي گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪرڻ بعد آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ پهچي مقتول نوجوان جو لاش ڪڻائي نئون ديرو اسپتال پهچايو جتي پوسٽ مارٽم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽي جي مزاحيه اداڪار عرس ناريجو جي مڪلي ورڪشاپ تي هٿيارٻندن جي ڪاهه

ٺٽو(ٻ ر) ٺٽي جي مشهور مزاحيه اداڪار عرس ناريجو جي مڪلي ورڪشاپ ۾ قائم سندس گهر تي نامعلوم حملي آورن حملو ڪري عرس ناريجو کي سخت زخمي ڪري وڌو آهي، جنهن کي مڪلي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، مڪلي ٿاڻي تي حملي آورن خلاف رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود مڪلي پوليس ڪا به ڪاروائي عمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سانگهڙ ضلعي چيئرمين جي هدايتن تي ملڪيتن تي قبضا ڪندڙن خلاف ڪارروايون

چيئرمين علي حسن هنگورجو سان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر رخسانه شر جي ملاقات ڪئي

عورتن جي تنظيم سازي اليڪشن ۾ پ پ جي اميدوارن جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي: اڳواڻ

هر ممڪن خدمت ڪنداسين، شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

سانگهڙ(رپورٽر) ضلعي چيئرمين علي حسن هنگورجو جي حڪم تي سڄي ضلعي ۾ ضلعي ڪائونسل جي پراپرٽي تي غير قانوني قبضو ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي جو حڪم. ان موقعي تي علي حسن هنگورجو سان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر رخسانه شر به ملاقات ڪئي. ملاقات دوران رخسانه شر چيو ته 27 تاريخ تي سانگهڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج جاري

يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پناڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

واقعي کي 73 ڏينهن گذرڻ باوجود قاتلن جو قانون جي پڪڙ ۾ نه اچڻ سمجهه کان ٻاهر آهي : مظاهرين جون دانهون

نوٽيس وٺي بهادر صحافي شهيد جان محمد مهر جي مک قاتلن جي گرفتار ڪري شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ 13 آگسٽ تي بي دردي سان شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل 73 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا سندس حقيقي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پناڻ جي اڳواڻي ۾ 73 ڏينهن به سکر جي صحافين علامتي احتجاجي بک هڙتال وارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92. دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 26 آڪٽوبر 2023ع

هر مشقِ ستم "ملڪ جي وسيع تر مفاد" جي نالي ۾!

هن ملڪ جي حڪمرانن عوام جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي آهي، هتي زندگيءَ جي اذيت ايتري ته سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي جو ماڻهو زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. عالمي مالياتي اداري جي فرمائشن تي "آمنا صدقنا" چئي عمل ڪيو پيو وڃي، جنهنڪري هڪ طرف ته مهانگائي سبب زندگيءَ لاءِ ضروري اسمن تائين عام ماڻهوءَ جي رسائي نه رهي آهي ۽ حالت ان نهج تي وڃي پهتي آهي، جو ماڻهن لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو به برقرار رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. آءِ ايم ايف جي فرمائش تي منتظمين جي تازي مشقِ ستم اها آهي ته گئس جي اگهن ۾ 193 سيڪڙو واڌ جي منظوري ڏني وئي آهي. وفاقي ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي جي فيصلي موجب، گهريلو، ڪمرشل ۽ صنعتي واهپيدارن لاءِ منظور ڪيل گئس ٽيرف پهرين نومبر 2023ع کان لاڳو ٿيندو. حڪومت طرفان آءِ ايم ايف سان 70 ڪروڙ ڊالرن جي ايندڙ قسط لاءِ اقتصادي جائزي جون ڳالهيون شروع ٿيڻ کان اڳ ئي گئس جي اگهن ۾ واڌ ڪري عالمي مالياتي اداري جو شرط پورو ڪيو ويو آهي. گئس جي ميٽرن تي فڪس چارج 10 رپين مان وڌائي 400 رپيا ماهوار ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي آهي.

هن ملڪ جو الميو اهو آهي ته هتي آئين ٽوڙڻ کان وٺي چونڊيل حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرڻ، چونڊيل وزيراعظم کي عدالتي ساز باز سان ڦاهيءَ تي چاڙهڻ کان وٺي چونڊيل حڪومتون ختم ڪرڻ، آئين ۾ پنهنجي مرضيءَ سان من پسند ترميمن جون ڇِتيون هڻي آئين جو جمهوري پارلياماني چهرو مسخ ڪرڻ جهڙن ڪمن لاءِ حڪمران، چوندا آهن ته اهو سڀ ڪجهه ملڪ جي "وسيع تر مفاد" ۽ عوام جي "عظيم تر مفاد" ۾ ڪيو ويو آهي. هر ڪڌو ڪم ملڪ جي وسيع تر مفاد جي نالي ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ ملڪ قائم ٿيڻ کان وٺي هيستائين اهو سڀ ڪجهه ٿيندو پيو اچي پران جي ذميوارن کي پڪڙ ۾ نٿو آندو وڃي ۽ ڪين هر ڳالهه ڦٻي وڃي ٿي، هن پيري به ملڪ کي پنجوڙ وجهي، آءِ ايم ايف جي اڳيان اڇلائي هڪ ائٽمي قوت ملڪ لاءِ رسوائي جو سامان پيدا ڪيو ويو آهي. ڊالرن جي عيوض هن ملڪ جي عوام جي مرضي عالمي مالياتي اداري وٽ گروي رکي وئي آهي، اهو ادارو قرض عيوض روز اهڙيون اهڙيون فرمائشون ڪندو رهي ٿو، جيڪي پوريون نه ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪرندو ته، حڪمرانن جي ڪشڪول ۾ ڊالرن جي صورت ۾ جيڪي ڪج ڪوڏيون پوڻيون آهن، اهي نه پونديون. اسان ڪج ڪوڏيون ان ڪري ٿا چئون ته انهن جي بدلي ۾ عوام کي جنهن نموني ڀوڳڻو پوي ٿو، ان اذيت ۽ مفلسي جي پيٽ ۾ اهي ڊالر ڪج ڪوڏين کان وڌيڪ حيثيت نٿا رکن. پر الميو اهو آهي ته ان لاءِ چيو پيو وڃي ته اهو سڀ ڪجهه ملڪ جي "وسيع تر مفاد" ۾ ڪيو پيو وڃي، انهن کي ڪير چوي ته، شينهن، تنهنجي وات ۾ ڏپ! نگران حڪمرانن گئس جي ٽيرف ۾ جيڪو 193 سيڪڙو واڌ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو صرف 193 سيڪڙي تائين ئي محدود رهڻو ناهي، جڏهن ته ان ۾ حڪومتي ٽيڪس به شامل ٿيندا، گئس جي ميٽر تي فڪس چارج 10 رپين بدران 400 رپيا پڻ شامل ٿيندا ته پوءِ مهانگائي جو ٻُڄ زمين تي ۽ سِسي آسمان تي هوندي. ان حڪومتي عمل سان مهانگائي راڪيٽ رفتاريءَ سان وڌندي ۽ غريب ماڻهن کي جيڪو سڄي ڏينهن ۾ هڪ ويلو مس نصيب ٿئي ٿو، ان کان به محروم ٿي ويندا.

اسان موجوده حڪمرانن کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته سموري ڪوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪرڻ بدران بهتر ۽ جٽادار معاشي پاليسيون جوڙي ملڪ جي معيشت کي بهتر ڪيو وڃي. عوام تي مالي بار منتقل ڪرڻ بدران متبادل مالي وسيلا پيدا ڪيا وڃن. گئس جون قيمتون نه صرف گهريلو واهپيدارن لاءِ وڌايون ويون آهن، پر ڪمرشل ۽ صنعتي واهپيدارن لاءِ پڻ قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن جو هر شيءِ جي قيمتن تي اثر پوندو ۽ ماڻهن لاءِ زندگي جي ضرورتن تائين رسائي مشڪل بڻجي ويندي. ان ڪري ملڪ جي وسيع تر مفاد ۾ ، توڙي عوام جي عظيم تر مفاد ۾ اهو آهي ته گئس جي قيمتن ۾ هيڏي وڏي واڌ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي.

نظريو، منشور ۽ اميدن جو لالي پاپ

ممتاز منگي

هن ملڪ جون تمام پارلياماني سياست ڪندڙ اشرافيا طبقي جون پارٽيون. ڪو نظريو، منشور ۽ انهيءَ تي عمل ڪرڻ جو اصول رکن ٿيون؟ اهو سوال هن ملڪ جي يا هن ملڪ تي نگاهه رکندڙ پوري دنيا ۾ ڪنهن به باشعور ۽ باضمير فرد کان پڇيو ٿو وڃي يا هو ان تي پنهنجي راءِ ڏئي ٿو ۽ سياسي تجزيو ٿو ڪري ته صاف ۽ چٽو رڳو "انڪار" ڪندي نظر نه ايندو پر سخت تنقيد ڪندي به نظر ايندو. ۽ اهوئي سوال جڏهن انهن ئي اشرافيائي طبقي جي پارٽين جي ڪنهن سنجيده ۽ باشعور لڳاپيل ميمبر يا عهديدار کان ڪيو ٿو وڃي ته هو حقيقت پسندي هجڻ جي اثر هيٺ ٿڌو ساهه ڀرندي انڪاري جواب ته ڏيندو پر پارٽين ۽ ليڊرن جي مجبورين جا سوين مثال ڏيڻ شروع ڪندو ۽ ان ڪمزوري جي ڪارڻن تي ڳالهائيندي اهوئي ورجاءُ ڪندو ته. "هتي اسٽيبلشمينٽ نه جمهوريت کي مستحڪم ٿيڻ ڏنو آهي ۽ نه وري پارٽين کي استحڪام سان ارتقا جو موقعو ڏنو آهي. هر وقت ڪڏهن مائنس ون ۽ ڪڏهن مائنس ٽو جي گيم ڪئي ٿي وڃي. انهيءَ ڪري پارٽي قيادتون سخت دٻاءُ ۾ هجڻ جي ڪري آئين، منشور ۽ اصولن تي عمل نٿيون ڪري سگهن پر اهائي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي ته مستقبل ۾ انهن ڪمزورين کي ختم ڪري بهتري آڻجي". پوءِ وري پنهنجي وابستگي کي پختي ڪرڻ جي لاءِ درٻاري دانشوري جو ڪردار ادا ڪندي فوراً يوٽرن وٺندي پنهنجي قيادت يعني ليڊر جي شان ۾ رڳو ڳالهائڻ ئي شروع نه ڪندا پر هي اعتماد ڏيارڻ جي به ڪوشش ڪندا ته ليڊر محب الوطن ۽ عوام دوست آهي. تنهن ڪري اوهان مطمئن رهو ۽ اميد رکو ته هو سڀ ڪجھ ٺيڪ ڪري ڇڏيندو. اهو جواب تقريباً سڀني پارٽين جي چالاڪ دانشورن کان ٻڌڻ ۾ ايندو پر ڪمال جي حد اسان کي تڏهن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. جڏهن خود پارٽين جا ليڊر ان ساڳئي سوال جو جواب ڏيندي ڏنا ويندا آهن يا ٻڌا ويندا آهن. جنهن ۾ هو ڪمال اعتماد سان پاڻ کي نظرياتي چوندي نه ٿڪبا. پارٽي جو منشور جيڪو تتر بتر نقطن تي بي ترتيب ۽ غير واضح جڳاڙي انداز ۾ ٺهايل هوندو آهي (هر اليڪشن ۾ انهن جو شايع ٿيل منشور) تنهن جو ورجاءُ ڪندي نه ٿڪبا پر ڪنهن دانشور يا پختي مضبوط صحافي يا ڪنهن اينڪر سان ڳالهائيندا ته اهائي دعوائون ڪندي وڏا وڏا ٿڌا ساهه ڀريندا معصوميت سان مجبوريون بيان ڪندي ۽ پوءِ پنهنجي آخري حڪمتِ عملي جو هٿيار وڏي چالاڪي ۽ چابڪ دستي سان ڪندي پنهنجي ذات سان هڪ اميد جي اهڙي ڪيفيت اپارڻ جي ڪوشش ڪندا. جنهن ۾ اهوئي يقين ڏيارڻ جي پوري پوري ڪوشش هوندي اٿن ته هو پنهنجي صلاحيت ۽ حڪمتِ عملين سان تمام وڏو سماجي انقلاب آڻي ڏيکاريندا. جنهن ۾ معيشت جي بهتري، سياسي استحڪام، عالمي تعلقات، امن امان وغيره وغيره سڀ ڪجھ شامل هوندو اهو انداز. اهو طريقو اسان کي سڀني پارٽين جي اندر. يعني جن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون يا جيڪي اقتدار ۾ اچڻ جي پوزيشن ۾ آهن يا ڪين آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. انهن سڀني جو ساڳيوئي انداز ۽ حڪمتِ عملي. بيان بازي نظر ايندي. انهن ليڊرن ۽ پارٽين جي دانشورن يا پارٽي جي سرگرم مٿين سطح جي قيادت کي اها سياسي تاريخ جي ٺيڪ طرح سان ڄاڻ آهي ته سياسي پارٽيون پنهنجي جوڙجڪ جي شروعات کان ئي سفر جو آغاز نظريي جي بنيادن تي ڪنديون آهن. نظريو ئي پارٽين جي بلڊنگ جو بنياد هوندو آهي ۽ ان ئي نظريي جي پابندين کي آڏو رکندي ۽ منزل جي طرف وڌڻ جي لاءِ پنهنجا اليڪشني منشور ڏينديون آهن. جنهن ۾ اهو اصول مدنظر رکيو ويندو آهي ته نظرياتي تعمير ۾ منشور پرائمري ڪردار ادا ڪندو رهي ۽ ڪٿي ڪنهن به موڙ تي نظريي سان منشور جو ٽڪراءُ نه ٿئي. نظريو ۽ منشور پارٽين جي اندر ۽ قيادتن جي لاءِ تمام گهڻو مقدس هوندو آهي ۽ انهيءَ تي ثابت قدمي ۽ استقامت سان بيهڻ ئي اصولن جو امتحان هوندو آهي. ڪيترو به ڏکيو وقت اچي ۽ کهڙي به تڪليف مان پارٽي يا قيادت گذري پر هو پنهنجي نظريي ۽ منشور کان ڪنهن به صورت ۾ منهن ناهن موڙيندا. پوري بااصول ۽ باڪردار سياست جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته انهن تي کهڙو کهڙو ڏکيو وقت آيو ۽ هو ڪيترين قربانين کان گذري پنهنجي نظريي تي ثابت قدم رهيا ۽ پنهنجي اصولن جي پاسداري ڪئي. هن ملڪ جي اشرافيائي سياستدانن کي تاريخ جو اهو شعور ٺيڪ طرح سان معلوم آهي. انهيءَ ڪري هو اهڙو الجهاءُ پنهنجي لاءِ پيدا ئي ناهن ڪندا. جو ڪين اڳتي هلي ڪري عوام کي ڪو نظرياتي ۽ اصولي پرستي جا جواب ڏيڻا پون. چو ته هو ان مقصد لاءِ سياست ڪندا ئي ناهن ۽ سندن پارٽيون ان مقصد لاءِ وجود ۾ نه آيون آهن.

اسان کي ٺيڪ طرح سان هي ڄاڻ آهي ته نظريو ڪڏهن به هڪ فرد جي لاءِ يعني پنهنجي ذات جي لاءِ ناهي هوندو. نظريو صرف ۽ صرف قوم ۽ سماج جي لاءِ هوندو آهي ۽ انهيءَ کان اڳتي وڌي پوري انسان ذات جي لاءِ نظريي جو ڦهلاءُ هوندو آهي. ڪو فرد جڏهن علم ۽ دانش جي مٿانهن ڏاڪن تي پهچي ٿو. هو پنهنجي قوم ۽ انسان ذات کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ يا بحرانن مان ڪڍڻ جي لاءِ جڏهن ڪو نجات جو نظريو ڏئي ٿو ته ڀلي ان نظريي جو تعلق فرد سان جوڙيو وڃي ۽ ان جي نشاندهي ان دانشور يا ڏاهي فرد جي نالي سان ٿئي پر اهو نظريو ڪڏهن به فرد لاءِ ناهي هوندو اهو نظريو سماج جي لاءِ ئي هوندو آهي. فرد جي ان عظيم ڪردار سبب ان جي شخصيت جو احترام ايترو ئي ڪيو ويندو آهي. جيترو نظريي جو احترام ۽ مڃتا هوندي آهي ۽ ان ئي وابستگي ۽ نفسياتي لاڙي جو اشرافيائي ليڊرشپ فائدو ڪٽندي وڏي چالاڪي سان پوئلڳن جو هڪ انبوهه تيار ڪري شخصي سحر پسندي جا نعرا لڳرائي، عوام جي دماغ ۾ ۽ دلين تي اهو ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته هي فرد يعني ليڊر صاحب قوم جي قسمت بدلائڻ جي لاءِ سڀ ڪري سگهي ٿو هي پهاڙ مان ڪيرجي آبشار به وهائي ٿو سگهي ته هو پنهنجي ڪردار جي طاقت سان ڏکيا ۽ ناممڪن مسئلا حل ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ هڪ جادوئي ۽ طلسماتي انداز سان شخصيت جي ڪردار کي جوڙڻ شروع ڪري ڏيندا آهن يا پيش ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. ٺيڪ ته ائين گهرجي ته هو معاشي بدحالي جو حل ڏيندي ٻڌائي ته هو بدحالي ڪئين ختم ڪندو. معيشت کي ترقي وٺرائڻ جي لاءِ کهڙن کهڙن ڏاڪن تان معيشت کي مٿي چاڙهيو ويندو سماج جي اندر نظرياتي ۽ عقيدتي انتشار ڪئين ختم ڪندو امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ کهڙا قانون ۽ اصول لاڳو ڪندو يعني ٻين لفظن ۾ سياسي ليڊر پنهنجي پارٽي جي پوري ست سان پنهنجو سياسي پروگرام. جنهن کي نظريي جي ٻاچي ۾ منشور چئون ٿا. ڏيندي پنهنجي قوم سان هڪ سياسي عهد نامو يا عهدِ وفا جا اصول ڏئي پوءِ هي يقين ڏياريندو آهي ته هن طريقي سان اسان بهتري جي طرف وڌي سگهون ٿا پر جڏهن ڪجھ ڏيڻ جي بجاءِ رڳو هي چيو وڃي ته مان هئين ڪندس ۽ مون سان اميدون وابستا ڪريو ته انهيءَ جو مطلب هي آهي ته هو پاڻ کي ڪنهن به معاهدي جو پابند نٿو ڪري ۽ بس رڳو اميدن جو اپار پيدا ڪري عوام کي اميدن جا لالي پاپ آڇيندي سياسي حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ اهوئي هن وقت ٿي رهيو آهي.

نواز شريف چئن سالن کان پوءِ آيو. ن ليگ ننهن چوٽي جو زور ڏئي بي پناهه دولت جو استعمال ڪري مينارِ پاڪستان تي جلسو ڪيو ۽ پوري جلسي ۾ نواز شريف جا نعرا ۽ ن ليگ پاران عجيب و غريب ترانو وڄندو رهيو يا ان جا گيت گونجندا رهيا پر عوام سان ڪا به پختي ۽ مضبوط ڪميٽمينٽ نه ڪئي وئي ۽ نه بحران مان نڪرڻ جا ڪي قدم ٻڌايا ويا. اهڙي طرح سان جئين هن ملڪ جي مُني صدي جي سفر ۾ ٿيندو آيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن نظرين ۽ منشورن جون دعوائون ۽ وضاحتون ڪيون ويون آهن پر عملي طور تي اڳتي هلي سڀ ڪجھ فائلن ۽ ڪاغذن ۾ دفن ٿي ويو ليڊر جي تصوير ديوتا وانگر اڀاري ۽ سڀ اميدون انهيءَ سان جوڙائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي ۽ ٿيندي رهي ٿي. هتي هي به ياد رکڻ گهرجي ته 1970ع جي اليڪشن ۾ شيخ مجيب الرحمان پنهنجي پارٽي عوامي ليگ جو منشور ڇهه نقطا جيڪي ڏنا هئا. انهيءَ تان ذرو به پوئتي نه هٽيو پر اسان جي حصي ۾ آيل ۽ بچيل ملڪ جي ليڊرشپ ۽ سياست عوام کي اميدن جي لالي پاپ ڏيڻ کان ڪجھ ناهي ڏنو.

ڪُوئڻُ قُربَنَ جو، عينُ تَڙڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهڙي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏَمَ لاهِ، چِنڻُ ڳَنڍڻُ اُن جو.

پاڪستان پيپلزپارٽي جي وجود جي بقا وارو سوال

ضمير حسين وسطڙو

پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد ايشيا ڪنڊ جي وڏي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو 1968 ۾ رکيو ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ريجي تاريخي جلسا ڪيا ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪراچي کان خيبر تائين پيپلز پارٽي جو پيغام عام ماڻهن تائين پهچايو جڏهن ته ان زماني ۾ نه انٽرنيٽ هئي ۽ نه ٽيليويزن عام هئي ان هوندي به ڀٽو صاحب گهر گهر ۾ مقبول ٿي ويو سندس سياسي نعري "روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان" وڏي شهرت حاصل ڪئي 1970ع واري اليڪشن ۾ مغربي پاڪستان ۾ به ڀاڳي تي جي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي جڏهن ته مشرقي پاڪستان هاڻوڪو بنگلاديش ۾ شيخ مجيب الرحمان ڪامياب ٿيو پر بدقسمتي سان شيخ مجيب کي اقتدار نه ڏئي ڪري بنگالي پاڪستان کان الڳ ٿي ويا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پيپلز پارٽي پاڪستان اندر آمريت خلاف تاريخي جدوجهد ڪئي آهي. پارٽيءَ جون جمهوريت لاءِ ورتل ڪوششون هميشه ياد رهنديون خاص طور تي ڀٽو خاندان جون جمهوريت جي بحالي، آئين جي بقا لاءِ لازوال قربانيون آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو جنرل ضياءُ طرفان تخت اونڌو ڪري سندس کي بيگناهه ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري ڪين ڦاهي تي چاڙهي عوامي ليڊر کي شهيد ڪيو ويو جيڪا هن ملڪ ۽ عوام سان ويساهه گهاتي ڪئي وئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو ملڪ ۽ عوام جي بقا جي جنگ وڙهندي پنهنجين جانين جون قربانيون ڏيڻ تائين هرگز نه ڪيٻايو مطلب ته ڀٽو خاندان جي شهادتن جو مثال ڪٿي به نٿو ملي .! پر ان پيپلز پارٽي مان عوامي جوش ۽ جنون ختم ٿيڻ جا ڪي سبب ضرور آهن جيئن جسم مان روح نڪري وڃي ته باقي ڪوڪلو ڍانچو بچندو آهي تيئن پيپلز پارٽي مان عوامي سگهه نڪري رڳو وزير ڪوٺيو وڃي بچيو آهي انڪري جو پيپلز پارٽي جي قيادت عام عوام کان پري رهي سردارن ۽ وڏيرن جي مفان لاءِ ڪم ڪرڻ لڳي آهي

بهرحال موجوده سياسي صورتحال تي نظر وجهنداسين ته نوازشريف چار سال جي خود ساخته جلاوطني ختم ڪري وطن موٽي آيو آهي سندس اچڻ سان ملڪ جي سياست ۾ وڏي هلچل متل آهي جهڙي نموني ملڪ جي رياستي ادارن ڪيس سهولتون فراهم ڪيون آهن ان مان لڳي رهيو آهي ته ايندڙ وقت جو وزير اعظم نواز شريف ئي سگهي ٿو يا ياد رهي ته نوازشريف ڪورٽن مان سزايافته پڻ آهي هائي ڏسون ته موجوده ڪورٽون ميان نوازشريف جي نااهلي ۽ قيد جي سزا ختم ڪن ٿيون يا نه. اهو وقت ٻڌائيندو پر حالتن مان معلوم ٿئي ٿو ته جهڙي طرح سان ميان نواز شريف اسٽيبلشمينٽ جي اکين جو تارو لڳي رهيو آهي سندس سڀ ڪيس ختم ٿي سگهن ٿا ۽ اليڪشن ۾ حصو به وٺي سگهي ٿو جيتري قدر پاڪستان پيپلزپارٽي جو تعلق آهي ته پارٽي هن وقت ڏکي صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي پاڪستان جي سڀ کان وڏي صوبي پنجاب ۽ خيبرپختون خواه مان مڪمل طور ختم ٿي چڪي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي جڳهه پي ٽي آئي والاري چڪي آهي ۽ آزاد ذريعي مطابق پي ٽي آئي هن وقت به ملڪ جي سڀ کان وڏي جماعت آهي ۽ عمران خان جيڪو قيد ۾ آهي ان جي باوجود به سندس مقبوليت ۾ ڪا به ڪمي نه اچي سگهي آهي اگر غير جانبدار ۽ شفاف اليڪشن ڪرائي وڃي ۽ عمران خان کي ميان نواز شريف جي مقابلي ۾ لاٿو وڃي ته عمران خان اڪثريت سان کٽي سگهي ٿو

جيئن ته عمران خان پنهنجي ڪئي جي سزا لوڙي رهيو آهي هن نه صرف ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ سان مهاڏو اٽڪايو پر ايتري قدر فوجي تنصيبات تي پڻ حملا ڪرائي پاڻ کي رياستي ادارن سان دشمني وارو رول ادا ڪيو ۽ ملڪي ادارا سندس مٿان ڊمريل آهن ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي سندس سڀ ساٿي ڪيس الوداع ڪري ٻين ٻين پارٽين ۾ شامل ٿي چڪا آهن يا ڪن وري پنهنجون پارٽيون جوڙي ورتيون آهن هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا پاڪستان تحريڪ انصاف ايندڙ اليڪشن ۾ حصو وٺي سگهندي؟ ڇا ڪيس پوري ملڪ مان قومي ۽ صوبائي حلقن ۾ ڪيس اميدوار ملي سگهندا!جواب يقينن نه ۾ آهي ڇاڪاڻ ته جيڪو وقت هن وقت عمران خان مٿان اچي ويو آهي مونکي نٿو لڳي ته ڪو ڪانئس صوبائي يا قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ لاءِ درخواست ڏيندو ان سان اليڪشن ۾ وڏو خال پيدا ٿيندو ۽ اهڙي اليڪشن تي سوال ضرور اٿندا. هائي پاڪستان پيپلزپارٽي لاءِ هڪ بهترين موقعو آهي ته ان پي ٽي آئي جي پيدا ڪيل خال جو فائدو وٺي ۽ اهو به عمران خان جي حمايت سان مشروط آهي چوته هن وقت ن ليگ ۽ پي پي قيادت ۾ سياسي جنگ جون خبرون به عام ٿي رهيون آهن

جيئن ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي پنهنجي اهڙي ڪا به ڪارڪردگي نه رهي آهي جو عوام ۾ وڃي ۽ ڪو پنهنجو بيانيون ناهي سگهي سنڌ جي تباهي جا منظر پورو ملڪ ڏسي رهيو آهي. پيپلزپارٽي جي 15 سالا دور ۾ سنڌ جي جيڪا تباهي ۽ بربادي ٿي آهي ان جي گواهي سنڌ جو هڪ هڪ ماڻهو ڏئي سگهي ٿو جيتري قدر پنجاب جو تعلق آهي ته ن ليگ ڪڏهن به نه چاهيندي ته پاڪستان پيپلزپارٽي پنجاب ۾ پنهنجا پير مضبوط ڪري اگر ايندڙ اليڪشن ۾ عمران خان نااهل ٿي وڃي ٿو يا ڪيس سزا ٻڌائي وڃي ٿي ته اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف اليڪشن ۾ حصو نه وٺي سگهندي جنهن جو فائدو ظاهري ۾ ن ليگ کي ٿيندو پر اگر پيپلزپارٽي پنجاب ۽ خيبر پختون خوا ۾ تحريڪ انصاف سان اتحاد ڪري ٿي ۽ سيٽي ٽڪن تي پنهنجا اميدوار بيهاري ٿي ۽ تحريڪ انصاف ڪان سندس ميمبرن کي ووٽ ڪرائڻ جي درخواست ڪري ته اها صورتحال ن ليگ لاءِ ڏکيائي پيدا ڪري سگهي ٿي. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن ملڪ جون سگهاريون ڌريون ان ڳالهه ۾ راضي ٿين، اهوئي هڪڙو واحد رستو آهي جيڪو پاڪستان پيپلزپارٽي کي فيس سيونگ ڏئي سگهي ٿو ۽ سندس ساک به بحال ٿي سگهي ٿي. پر شرط اهو آهي ته ڇا عمران خان يا سندس پارٽي. پيپلزپارٽي جي اهڙي طريقي سان کليل حمايت ڪري سگهي ٿي يا نه اهو وقت تي ڇڏيون

بقايا *** 01

طور اچي ويهي رهي. نگران گهرو وزير چيو ته ڪنهن وٽ ريفيوجي ڪارڊ آهي يا ويزا آهي ته اسان جو مهمان آهي، حڪومت ايران کان آيل بلوچن کي به ڪڍي رهي آهي. سندس چوڻ هو ته تاثر ڏنو پيو وڃي ته هي نسلي معاملو آهي، پر اهو نسلي معاملو نه آهي، انهن سڀني غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي نيڪالي ڏيڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. ياد رهي ته وفاقي حڪومت غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ 31 آڪٽوبر تائين جي ڊيڊ لائين ڏني آهي.

بقايا *** 02

ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي عدالت گڏيل ٻڌڻي تي سمورين ڌرين کان لکت ۾ جواب طلب ڪيو هو ياد رهي ته پي ٽي آءِ، ايم ڪيو ايم، اليڪشن ڪميشن، آءِ بي سميت ٻين نظرثاني درخواستون واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي آهي.

بقايا *** 03

چيو ته آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ جيڪڏهن متاثر ڌر به هجي ته وفاقي حڪومت ذريعي درخواست داخل ڪرائي سگهي ٿي هائوڪي ڪيس ۾ ته ڊائريڪٽوريٽ وفاقي حڪومت، صدر ۽ ٻين کي ڌر بڻايو آهيچيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته ڇا هي وفاقي حڪومت جو پنهنجي ئي خلاف ڪيس آهي؟ وڪيل عابد زبيري چيو ته آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ صدارتي آرڊر 1982 سان وجود ۾ آيوجسٽس اطهر من الله چيو ته آرٽيڪل 245 پڙهو ڇا ٿو چوي، فوج جو آرٽيڪل 245 کان ٻاهر ڪو به ڪم نه آهي، چيف جسٽس چيو ته قانوني وجود نه رکندڙ درخواست گذار جو ڪيس نه ٿا ٻڌي سگهون، سنڌ هاءِ ڪورٽ عسڪري فور جي پارڪنگ ايريا ۾ گهڻ ماڙ عمارت جي تعمير روڪڻ جو حڪم ڏنو هو آرمي هائوسنگ ڊائريڪٽوريٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ سان رجوع ڪيو هو

بقايا *** 04

ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس مان نه موڪليو هو وزيراعظم هائوس مان آيو هو ۽ پوءِ اڳوڻي وزيراعظم به چيو هو ته اهو ريفرنس نه موڪلڻ گهرجي ها. سندس چوڻ هو ته اليڪشن ايڪٽ 2017 جي شق 57 ۾ ترميم آئين جي خلاف آهي، يقين ناهي ته جنوري جي آخري هفتي ۾ چونڊون ٿينديون.

بقايا *** 05

آئيني گهرجن بابت ڪائي مبهم صورتحال نه هجڻ گهرجي. پاڪستان بنانا ري پبلڪ ناهي، جمهورمعيار مستحڪم هجڻ گهرجن ليول پلينگ فيلڊ سڀني لاءِ هجڻ گهرجي. ميڊيا سان هڪ دفعو ٻيهر گهر ڪئي ته اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ ۽ اليڪشن شيڊول جو اعلان ڪري. هن چيو ته اليڪشن جي حوالي سان هائي به ابهام آهي. شيري الرحمان چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تسلسل ۽ مستقل مزاجي سان اليڪشن جي تاريخ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته چونڊن ۾ دير چونڊن کان انڪار جي برابر آهي. اڳوڻي وزير چيو ته هن وقت اسان کي عوامي مسئلن تي بحث ڪرڻ گهرجي ها. نه ڪي اليڪشن تاريخ تي هن وقت ڳالهه ٿيڻ گهرجي ها ته گئس جون قيمتون ڇو وڌي رهيون آهن پي آئي اي جو فلائيٽ آپريشن ڇو بند آهي اڳوڻي وزير چيو ته ٽي وي ته اڳوڻ مسئلن تي ڳالهه ٿيڻ گهرجي ها.

بقايا *** 06

ٿيو آهي. وفاقي حڪومت سڀني صوبن، وزارتن ۽ ڊويزنز کي ايڊوائزري جاري ڪري ڇڏي آهي ۽ واٽس ايپ، ٽيليگرام يا ڪنهن به موبائل فون ايپ تان آفيشل ڊاڪيومينٽس شيئر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي سائبر سيڪيورٽي، محفوظ اي ميل جي طريقن تي عمل نه ڪرڻ سائبر اٽيڪ جو سبب قرار ڏنو ويو آهي، ايڊوائزري ۾ چيو ويو آهي ته اندروني ۽ ٻاهرئين ملڪ رهندڙ سرڪاري آفيسرن جون اي ميلز ٽارگيٽ تي جڪيون آهن، جعلي اي ميلز کي حقيقي رنگ ڏيڻ لاءِ سرڪاري عهديدارن جا نالا ۽ عهدو داخل هوندو آهي، ايڊوائزري موجب غير محفوظ انٽرنيٽ جو استعمال ڪري ڳجهي ڄاڻ شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. ايڊوائزري ۾ اها تجويز به ڏني وئي آهي ته سرڪاري آفيسرن لاءِ موبائل فون تي آفيشل اي ميل استعمال نه ڪئي وڃي، ذاتي ۽ سرڪاري استعمال لاءِ الڳ الڳ اي ميل آءِ ڊيز جو استعمال ڪيو وڃي. ايڊوائزري ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته ڪلائوڊ اسٽوريج تي ذاتي ۽ آفيشل ڊيٽا شيئر نه ڪئي وڃي ۽ ون ٽائم پاس ورڊ ڪنهن سان شيئر نه ڪيو وڃي. ايڊوائزري ۾ اي ميل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ٻٽو تصديقي نظام اختيار ڪرڻ ۽ شڪي انٽرنيٽ مهم ۾ ذاتي تفصيلن جي فراهمي کان پاسو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

بقايا *** 07

نه آهيجيڪب آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي هن چيو ته عدالت کان ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جو سمورو علائقو ثقافتي ورثو نه آهي، جيڪڏهن سڄي ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏنو وڃي ته پوءِ معدني وسيلا ڪيئن استعمال ٿي سگهندا!هن چيو ته عدالت کان اهو ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جا ڪهڙا علائقا ثقافتي ورثو آهن.ڪارونجهر جي معاملي تي عدالت سان غلط بياني ڪئي وئي آهي

بقايا *** 08

بخاري جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرڻ لاءِ انٽرپول سيڪريٽريٽ فرانس کي درخواست موڪلڻ جي هدايت ڪئي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ خلاف 18 مارچ تي گولڙا ٿاڻي ۾ دهشتگردي روڪ ايڪٽ تحت ڪيس داخل ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ هو ٻاهرئين ملڪ موجود آهي. ايف آءِ اي انٽرپول ذريعي زلفي بخاري جي گرفتاري جي قانوني ڪارروائي شروع ڪندي.

بقايا *** 09

عمر سيف چيو آهي ته وام کي ايندڙ هفتن ۾ "پي پال" ۽ "اسٽرائپ" پيمنٽ گيٽ ويز جي حوالي سان سٺي خبر ملندي. ڊاڪٽر عمر سيف اطلاعات واري وزير مرتضيٰ سولنگي سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ ايندڙ فري لانسنگ ڪميونٽي لاءِ ادائيگين جي سهولت لاءِ ڪو مالياتي ذريعو موجود ناهي. هن چيو ته انهن ڪمپنين کي ڪجهه خدشا آهن ان باوجود اسان معاملا اڳتي وڌندي ڏسي رهيا آهيون. ان پر اميد آهيان ته ايندڙ 4 کان 6 هفتن ۾ اسان پي پال ۽ اسٽرائپ جي حوالي سان سٺي خبر ڏينداسين ۽ هڪ فارمولي ذريعي اسان پنهنجي فري لانس ڪميونٽي کي اهي خدمتون فراهم ڪنداسين.

بقايا *** 10

بينڪ تي ڪل 8 ڪروڙ 31 لک 57 هزار روپين جو ڏنڊ وڌهي ڇڏيو بينڪنگ سپر ويزن ڊپارٽمينٽ جي مطابق هي بينڪ ڪسٽمرز جيسڃاڻپ جي جاچ پڙتا، ناڻي جي لين دين ۽ جنرل بينڪن جي قاعدن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث هئا. اسٽيٽ بينڪ مطابق ريگيوليٽري هدايتن جي خلاف ورزي جي بنيادن تي لڳايا ويا اهن. جڏهن ته انهن سان مالياتي نظام مضبوطي تي ڪوئي اثر نه پوندو. اسٽيٽ بينڪ عام ڪري بينڪنگ آپريشن ۽ ناڻي جي لين دين بابت ريگيوليٽري جي هدايتن تي ڀڃ ڪڙين تي يوبي ايل بينڪ تي 2 ڪروڙ 65 لک روپيا ڏنڊ وڌو ۽ بينڪ کي ڪنٽرول مضبوط بڻائڻ ۽ ريگيوليٽري هدايتن تي سختي سان عملد آمد جي هدايت ڪئي. ريگيوليٽري جي قاعدن ۽ عام ڪري بينڪنگ آپريشن بابت هدايتن جي ڀڃڪڙين تي بينڪ آف پنجاب تي 2 ڪروڙ 15 لک 69 هزار ڏنڊ وڌيو ويو ۽ بينڪ کي ان جو سسٽم ڪنٽرول مضبوط ڪرڻ ۽ ريگيوليٽري ڀڃڪڙين کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. اهڙي طرح جي ايس ينڪ تي بينڪ کي ڪسٽمرز جي سڃاڻپ جي جاچ پڙتال کي وائي سي ۽ ڊيو ڊيليجنس جي عمل جي ڀڃڪڙي، عام ڪري بينڪنگ آپريشن جي معاملي تي 1 ڪروڙ 85 لک روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو آهي ۽ بينڪ کي ان جو سسٽمز ۽ ڪنٽرول مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو ته جيئن ان قسم جي ريگيوليٽري ڀڃڪڙي کي روڪي سگهجي. الائيڊ بينڪ آف پاڪستان تي به عام ڪري بينڪنگ آپريشنز بابت ريگيوليٽري هدايتن جي ڀڃڪڙي تي 1 ڪروڙ 65 لک 78 هزار ڏنڊ وڌيو ويو ۽ بينڪ جي انٽرل پراسيس کي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا *** 11

ڪانپوءِ جاچ لاءِ ڪميٽي ناهي وئي. ايف آءِ اي ذريعن موجب ڪوئيٽا ۽ پشاور مان ساڍا 5 هزار سڃاڻپ ڪارڊ افغان شهرين کي جاري ڪيا ويا. جڏهن ته 593 افغانين کي اسلام آباد مان سڃاڻپ ڪارڊ جاري ٿيا. هاڻ گهرو وزارت نادرا کي جعلي پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ ساڍا 12 هزار افغان شهرين جا سڃاڻپ ڪارڊ رد ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ايف آءِ اي ذريعن جو چوڻ آهي ته سعودي عرب ۾ پڪڙيل افغانين جا پاسپورٽ، سڃاڻپ ڪارڊ رد ٿيڻ ڪانپوءِ ضبط ٿيندا.

بقايا *** 12

تجويز ڏئي ڇڏي. سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيئرمين ٻڌايو ته مارڪيٽ ۾ جعلي نوٽن جو رجحان وڌي رهيو آهي، مارڪيٽ ۾ هڪ هزار جي جعلي نوٽ جو استعمال سڀ کان وڌيڪ آهي، اي ٽي ايم مشينن مان به جعلي نوٽ نڪري رهيا آهن. مان توهان کي هڪ هزار ۽ 5 هزار ماليت وارا جعلي نوٽ ڏيکاري سگهان ٿو ان موقعي تي سينيٽر محسن عزيز چيو ته 5 هزارن وارا ڪرنسي نوٽ بند ٿيڻ گهرجن. ان سان گهڻو ڪجهه بند ٿي ويندو. اسٽيٽ بئنڪ گورنر ڪميٽي کي ڪرنسي نوٽن جا سيڪيورٽي فيچر تبديل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي، جميل احمد چيو ته ان سان جعلي نوٽن جي روڪٿام ۾ مدد ملندي، مستقبل ۾ پوليمر ڪرنسي نوٽ به متعارف ڪرائڻ جو پلان آهي.

بقايا *** 13

چيو ته آمريڪا اسرائيل جي حفاظت ڪندو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ آمريڪا کي اسرائيلي حملا نظر نه آيا ۽ حماس جي مذمت جو مطالبو ڪري ڇڏيو آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو ته سلامتي ڪائونسل جي ذميواري آهي ته حماس جي مذمت ڪري. گڏيل قومن کي ڪنهن به ملڪ جي پنهنجي دفاع جي حق جي منظوري ڪرڻ گهرجي. انٽوني بلنڪن جو چوڻ هو ته ڪائونسل جو ڪو به ميمبر پنهنجي ماڻهن جي قتل عام کي برداشت نٿو ڪري سگهي، ضروري آهي ته اسان تڪرار ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ ڪم ڪريون، اسان جو بنياد مقصد آهي ته هر شهري جي زندگي قيمتي آهي.

ايران جي حوالي سان سندس چوڻ هو ته آمريڪا ايران سان جنگ نٿو چاهي، خطي ۾ ايران پراڪسي ويڙهه جي مذمت ڪريون ٿا، هاڻوڪن ڏينهن ۾ عراق ۽ شام آمريڪي اهلڪارن تي حملا ڪيا، آمريڪا نٿو چاهي ته جنگ پکڙجي پر ايران حملي جي غلطي نه ڪري. آمريڪي پرڏيهي وزير واضح ڪيو ته خطي ۾ ڪٿي به آمريڪي اهلڪارن تي حملو ٿيو ته دفاع ڪنداسين. ايران کي خبردار ڪريون ٿا ته اسرائيل خلاف ٻيو محاذ نه کولي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته آمريڪا اسرائيل جي حفاظت ڪندو پاڻيران تي حملو نه ڪيو وڃي

بقايا *** 14

سب انسپيڪٽر ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر کان علاوه هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل به شامل آهن ۽ سمورن جو تعلق ڪشمور، سکر خيرپور، ۽ جيڪب آباد سان آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته معطل آفيسرن ۽ اهلڪارن کي ڪراچي گارڊن ۽ هيڊ ڪوارٽر اماڻيو ويو هي پر معطل آفيسر ۽ اهلڪار هتي به مسلسل غير حاضر آهن. آءِ جي پاسي ڳاڀايل پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڀڄڪار روڪڻ جي درخواست ڪري ڇڏي آهي

بقايا *** 15

، سکر ۽ لاڙڪاڻي جا بورڊ شامل آهن سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ اهم تبديلي ڪئي وئي، جنهن تحت بورڊن جي سربراهن کي عهدن تان هٽايو ويو آهي. سرچ ڪميٽي جي بنا پرتي ڪيل سنڌ جي پنج تعليمي بورڊن جي چيئرمينز کي ڪم کان روڪيو ويو بورڊز ايند يونيورسٽيز کاتي عدالتي فيصلي تي پنج چيئرمينز کي عهدن تان هٽائي ڇڏيو آهي ۽ ڪين آفيس وڃڻ کان روڪيو ويو جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي.جن چيئرمينز کي ڪم کان روڪيو ويو، جنهن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊز، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻي جا بورڊز شامل آهن سنڌ هاءِ ڪورٽ سرچ ڪميٽي جي بنا پرتي ڪيل چيئرمينز جي مقرري غيرقانوني قرار ڏني هئي.

بقايا *** 16

ته پاڻي ۾ ڪلورين جو گهربل مقدار نه هجڻ سبب اهو وائرس موتمار بڻجي ويندو آهي. ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي ۾ ڪلورين جو گهربل مقدار نه هجڻ کي ماهرن نگليريا جي ڪري موت جو سڀ کان اهم ڪارڻ قرار ڏنو آهي. ماهرن موجب مختلف ذريعن کان حاصل ڪيل پاڻي ۾ ڪلورين جو مقدار شامل نه ڪرڻ جي ذميواري لاڳاپيل ادارن تي لاڳو ٿئي ٿي. جڏهن ته شهرين جي به ذميواري آهي ته اهي گهرن ۾ استعمال هيٺ اندر گرائونڊ ٽينڪ ۽ پاڻي ذخيرو ڪندڙ جاين کي بليچ ذريعي صاف ڪن. نگليريا سبب ڪراچي ۾ هلندڙ سال هيل تائين 9 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ موجب شهرين کي فراهم ڪئي ويندڙ پاڻي ۾ ڪلورين جو مقدار لازمي شامل ڪيو وڃي.

بقايا *** 17

پهچايو ويو حادثي جي شڪار ڏانسن ۾ سوار ملاح برادري جا ماڻهو زيرو پوائنٽ کان مڇي ڪٽي ڪراچي وڃي رهيا هئا جڏهن ته سوزوڪي ۾ سوار هڪ ئي برادري جا ماڻهو عورتون ۽ ٻارڙن سميت سانگهڙ کان حيدرآباد جي فصل جي لاباري جي مزدوري ڪري گوٺ وڃي رهيا هئا ته سندن گاڏين سان افسوس ناڪ حادثو پيش آيو.

بقايا *** 18

چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته اسرائيل جي حملن سان فلسطين جون اسپتالون ۽ مسجدون به محفوظ ناهن، اسرائيل جي بربريت پهريان کان وڌيڪ آهي بي رحم ۽ وڏي پيماني تي آهي. هن چيو ته حملا انسان دوست پر جنگي اصولن جي به ابتڙ آهن ۽ صيهوني ظلمن تي عالمي طاقتن اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن. ڊاڪٽر اميري خبردار ڪيو ته اسرائيل تمام نئيو ۽ ڪمزور آهي ايران خلاف ڪا به غلطي نه ڪري. هن مطالبو ڪيو ته جيئن ته هو به اسلامي ملڪن اسرائيل سان لاڳاپا قائم ڪيا آهن انهن کي ختم ڪن، اسرائيلي شين تي پابندي لڳائين ۽ معاشي لاڳاپا ختم ڪندي اسلامي ملڪ پنهنجا بارڊر کولين ته جيئن فلسطينين جي امداد ٿي سگهي.

ايراني سفير جو چوڻ هو ته اسان پاڪستان جا ٿورائتا آهيون جنهن اسرائيل کي تسليم ناهي ڪيو فلسطين تي اسلامي ملڪن جيڪو موقف اختيار ڪيو اهو سلو ڀرناڪافي آهي. سعودي عرب ۽ خطي جا ملڪ سمجهي ويا آهن ته آمريڪا اڳ جهڙي طاقت ناهي رهيو ڊاڪٽر اميري چيو ته اسلامي ملڪن جي ڪوآرڊينيشن هجي ها ته صيهوني رجيم ان بربريت جي جرئت نه ڪري ها، صيهوني رجيم سان لاڳاپا قائم ڪندڙ مسلمان ملڪن کي چيو آهي ته اهي اسرائيل سان لاڳاپا ختم، اسلامي مزاحمت تي صيهوني رجيم ڊپ جو شڪار آهي ۽ مزاحمت ئي اسرائيل جي خاتمي ۽ بربادي جي شروعات آهي. سعودي عرب سان لاڳاپن جي حوالي سندس چوڻ هو ته سعودي عرب سان لاڳاپن کي وڌائڻ جي نيت سان ڳالهين ۾ داخل ٿياسين، سٺن لاڳاپن لاءِ 50 سيڪڙو اسان ۽ 50 سيڪڙو سعودي عرب کي اڳتي وڌڻو آهي، اسان جو عزم آهي ته سعودي عرب سان لاڳاپن کي اڳتي وڌايون.

بقايا *** 19

بوٽ ريلي اينڊ فشنگ ايسوسي ايشن جي زير اهتمام مڇي مارڻ جي مقابلي ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ نوجوانن ۾ انعام ورهائڻ واري سادي ۽ پروقار تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ ماهي گيري جي مقامي صنعت کان علاوه شوقين ماهي گيري نوجوان به هن صحتمند راند ۾ اڳتي اچي رهيا آهن. جيڪا سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي جي شهرين لاءِ تفريح جو هڪ بهترين موقعو پڻ فراهم ڪري رهي آهي. هن مڇي مارڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ انعام ورهايا ۽ انهن جي صلاحيتن کي ساراهيو ۽ چيو ته صوبائي حڪومت ان سلسلي ۾ هر ممڪن سهڪار ڪندي ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ ماهرن جون خدمتون پڻ فراهم ڪيون وينديون. ان موقعي تي پاڪستان بوٽ ريلي اينڊ فشنگ ايسوسيئيشن جا عهديدار ۽ سياحت ۽ ماحوليات کاتي جا اعليٰ آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا *** 20

ڪيو پر گهر ته نه مليا پر مهانگائي ملي هئي. پيپلزپارٽي شهيدن جي پارٽي آهي جنهن عوام لاءِ جاني قربانيون ڏنيون آهن. اسان کي اقتدار نه پر عوام جا مفاد عزيز آهن. ووٽ جو مسئلو ناهي جنگ آهي بهادري جي آهي. سياست کي ادارا ناهيون سازيندا. پيپلز پارٽي واران پنهنجو پاڻ کي سازيندا آهن پيپلز پارٽي وارن ڪوڙا ڪاٽا آهن. پيپلز پارٽي جي سياست عوام لاءِ آهي. بيبي شهيد بينظير ڀٽو کي وطن وڃڻ لاءِ منع ڪيو ويو هو پر هن جواب ڏنو ته مان اقتدار لاءِ نه پر عوام لاءِ وطن وڃي رهي آهيان. سياست ڪريو غريب کي ٿي لئو ۽ گهر ڏيڻ لاءِ ڪيو منهنجو ۽ پيپلز پارٽي جو مطالبو آهي ته اليڪشن ڪرائي وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر جي علائقي ۾ نيو پنڊ گرائونڊ ۾ جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو. ڪيس سيد خورشيد شاهه چيو ته مسلم ليگ ن جو سربراهه نواز شريف بيڪ ڊور اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش نه ڪري، هي رستو سندس سياسي موت هوندي. عمران خان وانگر انوکولاڏلو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن وقت نوازشريف لاڏلي جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار نظر نه پيو اچي. اسان ڪيس خبردار ڪري رهيا آهيون ته هن لاڏلو بڻجڻ منظور ڪيو ۽ شارٽ ڪٽ سان اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي گيم ڪري وٺي ته ان جي خلاف به گو نواز گو جا نعرا لڳي سگهن ٿا. خورشيد شاهه چيو ته پيپلزپارٽي صاف شفاف اليڪشن چاهي ٿي. جي پيرا شوٽ جي سياست تي اسان يقين نٿا رکون. هن وقت جنهن به لاڏلو بڻجي اقتدار حاصل ڪيو ته انجي سياست ختم ٿي وئي ۽ هو تاريخ جو حصو بڻجي ويو خورشيد شاهه هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن وقت ته ظاهر ۾ ميان صاحب انوکو لاڏلو نظر اچي ٿو ته مان ڪيس هٿ ٻڌي اپيل ڪيان ٿو ته ڪنهن جي مدد بدران صحيح سياست ڪري ۽ هن ملڪ ۽ رياست کي بچائي. جلسي ۾ اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ اڳوڻو سنڌ اسيمبلي ميمبر سيد فروغ احمد شاهه. ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ يوسي چيئرمين عبدالسميع پيرزادو ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا *** 21

چيو ته فلسطين ۾ اسرائيل جي ظلمن تي اسان ڏکارا آهيون، احتجاج، ريلين ۽ بيانن ڪانسواءِ ڪجھ نٿا ڪري سگهون، اسان مجبور آهيون، حڪمران اسرائيل کي لغام ڏيارڻ لاءِ او آءِ سي تي دٻاءُ وجهن. هن چيو ته ڪراچي ۾ غير قانوني پرڏيهين سبب معيشت تباهه ٿي وئي آهي ۽ اسٽريٽ ڪرائم جو وڏو سبب به غير قانوني پرڏيهي آهن. غير قانوني پرڏيهين جي واپسي جو فيصلو جرئتمندانو آهي.

بقايا *** 22

ڊسڪوز ۽ ڪي اليڪٽرڪ کي ملندڙ سبسڊي تي بيان ۾ چيو آهي ته حڪومت تمام بجلي ڪمپنين کي ڳڏائي به ڪي اليڪٽرڪ کان گهٽ سبسڊي ڏئي رهي آهي. راشد لنگڙيال جو چوڻ هو ته بجلي جي ورڇ ڪندڙ 3 ڪمپنيون وفاق کان ڪا به سبسڊي ناهن وٺي رهيون. هن چيو ته وفاق طرفان ميپڪو کي 43 ارب، گيپڪو کي 18 ارب، حيسڪو کي 35 ارب، پيسڪو کي 18 ارب، ٽيسڪو کي 9 ارب، سيپڪو کي 13 ارب ۽ ڪيسڪو کي 22 ارب روپين جي سبسڊي ملي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته آئيسڪو، ليسڪو ۽ فيسڪو وفاق کان ڪا به سبسڊي ناهن وٺي رهيا.

بقايا *** 23

ٻڌڻي تي تفصيلي رپورٽ گهري ورتي. عدالت طئي ٿيل معاوضو ادا نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو عدالت لانڍهي جي علائقي مان لاپتا شهري حسن جي گهر ڀاتين کي فوري معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران فوڪل پرسن گهرو کاتي پاران غير ذميواراڻو بيان ڏيڻ تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جسٽس امجد علي سهتو ريمارڪس ڏنا ته عدالت حڪم ڏنو هو ته لاپتا شهري جي گهر ڀاتين کي معاوضو ادا ڪيو وڃي. گهرو کاتي جي فوڪل پرسن ٻڌايو ته معاوضو ادا ڪرڻ بابت لسٽ ۾ حسن جي گهر ڀاتين جو نالو موجوده آهي. عدالت ريمارڪس ڏنا ته لسٽ ۾ ٻهرين نمبر تي نالو آهي، ته معاوضو ادا ناهي ڪيو عدالت جيڪو حڪم ڏنو هوان تي عمل جي آمد ڪري رپورٽ پيش ڪريو. عدالت عزيز آباد علائقي مان لاپتا ٿيندڙ عادل خان جي بازيابي رپورٽ طلب ڪري ورتي. عدالت گم ٿي ويل شهرين جون تصويرون اخبارن ۾ شايع ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت معاوضي جي رقم ادا ڪرڻ 27 نومبر تائين سنڌ جي گهرو سيڪريٽري کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو عدالت گهرو سيڪريٽري کان ايندڙ ٻڌڻي تي تفصيلي رپورٽ گهري ورتي

بقايا *** 24

مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو اجلاس جي صدارت آغا فخر حسين جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي ڪئي ٻين هولڊرن نيوٽريشن انٽرنيشنل، پاڪستان فلور ملز ايسوسي ايشن، سنڌ چڪي ايسوسي ايشن، انوويٽا نيوٽريشن، ڊي ايس ايم هيومن نيوٽريشن اينڊ هيلٿ ۽ سنرچ فلور ملز پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس جي مقصدن ۾ پيشرفت جو جائزو وٺڻ. چيلينجز کان منهن ڏيڻ ۽ فوڊ فورٽيفيڪيشن پروگرام خاص طور تي صوبي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اٽي جي فورٽيفيڪيشن پروگرام جي موثر عملدرآمد لاءِ ضروري اصلاحات ڪرڻ هو ته جيئن فوڊ فورٽيفيڪيشن آسانيءَ سان عمل ڪرڻ لاءِ پاليسين کي موثر ۽ فعال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. سمورن اسٽيڪ هولڊرن سنڌ ۾ بهتر خوراڪ جي ذريعي صحت جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ تي خاص زور ڏيندي سنڌ ۽ پاڪستان ۾ خوراڪ جي صورتحال تي پنهنجي پيش رفت ڪئي. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سمورن شرڪت ڪندڙن، خاص طور تي نيوٽريشن انٽرنيشنل جي گڏيل ڪوششن جي تعريف ڪئي. جنهن سنڌ فوڊ اٿارٽي جي اسٽاف ۽ خانگي شعبي جي ادارن جي ٽيڪنيڪل ظرفيت وڌائڻ جا پروگرام شروع ڪيا آهن. آغا فخر حسين پڻ سنڌ صوبي ۾ غذائيت جي صورتحال کي موثر ۽ بهتر انداز ۾ لاڳو ڪرڻ جي لاءِ هر قسم جي سهڪار جو يقين ڏياريو هن سمورن اسٽيڪ هولڊرز جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل جي حوصلا افزائي ڪئي ته جيئن ڪمن ۾ منظر ڪوآرڊينيشن ۽ ڪارڪردگي پيدا ڪري سگهجي. ان ڪانپوءِ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين هڪ ٽيڪنيڪل ورڪنگ گروپ جوڙڻ جي تجويز ڏني جنهن کي نجي شعبي سان ويجهي رابطي ۾ غذائيت جي ڌيان ڏيڻ واري ذميوارين سان هم آهنگ ڪيو ويندو. هي گروپ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل جي رهنمائي هيٺ ڪم ڪندو ۽ ڀائيوارن يعني نجي شعبي، غير سرڪاري تنظيمن، ميڊيا گروپن ۽ لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۽ انهن جي لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪندو هن گروپ جو بنيادي مقصد غذائيت جي اسٽيڪ هولڊرز کي هڪ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ ۽ انهن کي آساني سان انهن جي ڪم کي قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق ڪرڻ جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا *** 25

پاران عملدرآمد بابت جواب جمع نه ڪرائڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويوسنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزارت، وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري، سنڌ جي گهرو کاتي ۽ ٻين کي لکت ۾ جواب پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويودرخواست گذار طارق منصور ايڊووڪيٽ عدالت کي ٻڌايو ته رڳو جنوري 2023 کان اپريل تائين 142 ٻارڙن سان ڏاڍائي سميت ريپ جا 771 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن. پوليس سڌارن لاءِ قانون ته ناهيو ويو پران تي عمل نه ٿيو آهيطارق منصور ايڊووڪيٽ خراب ۽ ناقص جاچ عمل جي ڪري ٻارن ۽ عورتن سان ڏاڍائي جي ڪيسن ۾ 10 کان 12 سيڪڙو اضافو ٿيو آهيسنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڏاڍائي جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي 30 نومبر تائين ڌرين کان جواب طلب ڪيو ويو آهي

بقايا *** 26

ڪي عهدي تان هٽائڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي پر ڪيس عهدي تان هٽائڻ جو سبب ناهي ٻڌايو ويو پي پاسي چين جي اسٽينڊنگ ڪميٽي 14 هين نيشنل پيپلز ڪانگريس جي اجلاس ۾ چين جي اڳوڻي پرڏيهي وزير چن گانگ کي به ڪابينه مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. چيني ميڊيا موجب چن گانگ کي اسٽيٽ ڪائونسل جي عهدي تان اڳ ئي برطرف ڪيو ويو هو ان کان اڳ چين جي سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي واري وزير وانگ زيگنگ ۽ ناڻي واري وزير ليوڪن کي به ڪابينه مان فارغ ڪيو ويو هو

بقايا *** 27

750 روپيا گهٽجڻ ڪانپوءِ 2 لک 450 روپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون 643 روپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 1 لک 78 هزار 712 روپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون 20 ڊالر گهٽجڻ ڪانپوءِ هڪ هزار 970 ڊالر في اونس ٿي ويو آهي

بقايا *** 28

ڪوئي تسلي ٿي نه پيو ڪرائي. پنهنجي بيان انتظار پنجوٽا چيو ته ڪوئي نهپيو ٻڌائي ته پي ٽي آئي چيئرمين جي حفاظت لاءِ ڪهڙا انتظار پنجوٽا چيو ته اسان چيو ته پي ٽي آئي چيئرمين جي حياتي کي خطرو آهي. جڏهن ته درخواست 3 هفتا مقرر ناهي ٿيندي. پي ٽي آئي چيئرمين جي درخواست مقرر ٿي به وڃي ته جواب نٿو اچي. پي ٽي آئي چيئرمين جي وڪيل چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جيل سيڪيورٽي ڪيس وڌيڪ هڪ هفتي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا *** 29

گاڏيونسنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جون آهن جيڪي ڪي ڊي اي پارڪ ڪلفٽن ۾ موجود آهن ڪروڙين روپين جي ماليت جي انهن گاڏين تي سنڌ حڪومت جي خاموشي حيران ڪندڙ آهي. ڪي ڊي اي پارڪ ڪلفٽن ۾ پيل ڪروڙين روپين جي ماليت جون تقريبن 250 گاڏيون مٽيءَ سان ڀريون پيون آهن جن ۾ بي ايم ڊبليو لينڊ ڪروزر، پراڊو جهڙيون مهانگيون گاڏيون به شامل آهن جيڪي کليل آسمان هيٺ سڙي رهيون آهن 75 سيڪڙو گاڏيون ايس جي اينڊ سي ڊي اي جون آهن سرڪاري گاڏين جي قبرستان ۾ موجود 25 سيڪڙو گاڏيون تعليم کاتي، صحت، بلديات کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروسز جون آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته سنڌ ۾ ڪيترن ئي قيمتي سرڪاري گاڏين جو رڪارڊ به نه جوڙيو ويو آهي.

بقايا *** 30

بجيٽ ۾ انهي پراجيڪٽ جي لاڳت 870 ملين روپيه رکي وئي هئي، سالياڻو ترقياتي پروگرام جي آڙ ۾ سوشل ميڊيا ٽيمن کي ناڪاري ڳالهيون پکيڙڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو انگن اکرن موجب سوشل ميڊيا اڪائونٽس کي سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا مهم ۽ غلط انفارميشن جي لاءِ استعمال ڪيو ويو انگن اکرن موجب سوشل ميڊيا ٽيم ۾ شامل ملازمن جي پگهار 25 کان 40 هزار روپيه هئي، ۽ پي ٽي آءِ جي رياست مخالف پروپيگنڊا ۾ شامل اڳ کان موجود 800 اڪائونٽن جي تحقيق ڪئي وئي ان حوالي سان فردوس عاشق اعوان ٻڌايو ته قوم ڏٺو ته جنهن کي اڳوڻ چوند ڪيو انهي رهڻ بڻجي ٻسڻ جو اجايو استعمال ڪيو ڪي پي ڪي ۾ سوشل ميڊيا سينٽر بڻائي پي ٽي آءِ چيئرمين اي ڊي پي جي فنڊ کي استعمال ڪيو جنهن جي ترقي لاءِ 870 ملين روپيه خرچ ڪيا ويا. هن چيو ته 30 کان 40 هزار پگهار تي نوجوانن کي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ نوڪريون ڏنيون ويون. 800 کان وڌيڪ جعلي اڪائونٽس ذريعي ملڪ جو سسٽم تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي سرڪاري وسيلن سان پي ٽي آءِ جو ڪوڙو بيانيو پکيڙيو ويو ۽ رياستي ادارن کي سوشل ميڊيا تي جعلي اڪائونٽس سان نشانو بڻايو ويوفردوس عاشق اعوان وڌيڪ چيو ته قوم جو پيسو قوم کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويو نوجوانن جي ذهن کي بارود سان ڀريو ويو سوشل ميڊيا ذريعي ٽاپ ٽرينڊ ۾ رهڻ پي ٽي آءِ چيئرمين جو اهم مشغلو هو اسان سياسي ماڻهو آهيون پاڪستان لاءِ جيئڻ چاهيون ٿا پاڪستان جي لاءِ مرڻ چاهيون ٿا.

بقايا *** 31

آدم پٺاڻ کي انوکي سزا ٻڌائي ڇڏي. ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ گٽڪو رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي هڪ سال تائين 50 نمر جا وڻ پوکڻ ۽ انهن جو خيال رکڻ سميت ٻه لک رپيا ڏنڊ جي به سزا ٻڌائي. جوابدار آدم پٺاڻ کي سزا ٻڌائيندي فاريسٽ کاتي جي اختيارين کي هدايت ڪئي وئي ته اهي جوابدار طرفان وڻ پوکڻ ۽ انهن جو خيال رکڻ جي نگراني ڪن ۽ جوابدار هر مهيني فاريسٽ کاتي کي پنهنجي رپورٽ ڏيندو. واضح رهي ته جوابدار کي هلندڙ سال 75 ڪلو گرام گٽڪي سميت گرفتار ڪيو ويو هو

بقايا *** 32

بينڪ تي ڪل 8 ڪروڙ 31 لک 57 هزار روپين جو ڏنڊ وڌهي ڇڏيو بينڪنگ سپر ويزن ڊپارٽمينٽ جي مطابق هي بينڪ ڪسٽمرز جيسڃاڻپ جي جاچ پڙتا، ناڻي جي لين دين ۽ جنرل بينڪن جي قاعدن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث هئا. اسٽيٽ بينڪ مطابق ريگيوليٽري هدايتن جي خلاف ورزي جي بنيادن تي لڳايا ويا اهن. جڏهن ته انهن سان مالياتي نظام مضبوطي تي ڪوئي اثر نه پوندو. اسٽيٽ بينڪ عام ڪري بينڪنگ آپريشن ۽ ناڻي جي لين دين بابت ريگيوليٽري جي هدايتن تي ڀڃ ڪڙين تي يوبي ايل بينڪ تي 2 ڪروڙ 65 لک روپيا ڏنڊ وڌو ۽ بينڪ کي ڪنٽرول مضبوط بڻائڻ ۽ ريگيوليٽري هدايتن تي سختي سان عملد آمد جي هدايت ڪئي. ريگيوليٽري جي قاعدن ۽ عام ڪري بينڪنگ آپريشن بابت هدايتن جي ڀڃڪڙين تي بينڪ آف پنجاب تي 2 ڪروڙ 15 لک 69 هزار ڏنڊ وڌيو ويو ۽ بينڪ کي ان جو سسٽم ڪنٽرول مضبوط ڪرڻ ۽ ريگيوليٽري ڀڃڪڙين کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. اهڙي طرح جي ايس ينڪ تي بينڪ کي ڪسٽمرز جي سڃاڻپ جي جاچ پڙتال کي وائي سي ۽ ڊيو ڊيليجنس جي عمل جي ڀڃڪڙي، عام ڪري بينڪنگ آپريشن جي معاملي تي 1 ڪروڙ 85 لک روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو آهي ۽ بينڪ کي ان جو سسٽمز ۽ ڪنٽرول مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو ته جيئن ان قسم جي ريگيوليٽري ڀڃڪڙي کي روڪي سگهجي. الائيڊ بينڪ آف پاڪستان تي به عام ڪري بينڪنگ آپريشنز بابت ريگيوليٽري هدايتن جي ڀڃڪڙي تي 1 ڪروڙ 65 لک 78 هزار ڏنڊ وڌيو ويو ۽ بينڪ جي انٽرل پراسيس کي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا *** 33

گاڏيونسنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جون آهن جيڪي ڪي ڊي اي پارڪ ڪلفٽن ۾ موجود آهن ڪروڙين روپين جي ماليت جي انهن گاڏين تي سنڌ حڪومت جي خاموشي حيران ڪندڙ آهي. ڪي ڊي اي پارڪ ڪلفٽن ۾ پيل ڪروڙين روپين جي ماليت جون تقريبن 250 گاڏيون مٽيءَ سان ڀريون پيون آهن جن ۾ بي ايم ڊبليو لينڊ ڪروزر، پراڊو جهڙيون مهانگيون گاڏيون به شامل آهن جيڪي کليل آسمان هيٺ سڙي رهيون آهن 75 سيڪڙو گاڏيون ايس جي اينڊ سي ڊي اي جون آهن سرڪاري گاڏين جي قبرستان ۾ موجود 25 سيڪڙو گاڏيون تعليم کاتي، صحت، بلديات کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروسز جون آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته سنڌ ۾ ڪيترن ئي قيمتي سرڪاري گاڏين جو رڪارڊ به نه جوڙيو ويو آهي.

بقايا *** 34

نه آهيجيڪب آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي هن چيو ته عدالت کان ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جو سمورو علائقو ثقافتي ورثو نه آهي، جيڪڏهن سڄي ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏنو وڃي ته پوءِ معدني وسيلا ڪيئن استعمال ٿي سگهندا!هن چيو ته عدالت کان اهو ڪليئر ڪرائينداسين ته ڪارونجهر جا ڪهڙا علائقا ثقافتي ورثو آهن.ڪارونجهر جي معاملي تي عدالت سان غلط بياني ڪئي وئي آهي

بقايا *** 35

بخاري جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرڻ لاءِ انٽرپول سيڪريٽريٽ فرانس کي درخواست موڪلڻ جي هدايت ڪئي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ خلاف 18 مارچ تي گولڙا ٿاڻي ۾ دهشتگردي روڪ ايڪٽ تحت ڪيس داخل ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ هو ٻاهرئين ملڪ موجود آهي. ايف آءِ اي انٽرپول ذريعي زلفي بخاري جي گرفتاري جي قانوني ڪارروائي شروع ڪندي.

بقايا سنڌيار 01

آهي تہ ڪراچي جي آغا خان سميت ٻين خانگي اسپتالن مان سرڪاري خرچ تي علاجڪرائي حياتي بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن سول اسپتال سکر ۾ داخل راڳي محمد يونس چنہ ٻڌايو تہ کيس پهريان مليريا ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ ايڪسيڊنٽ ٿيڻ بعد طبيعت تمام خراب آهي سرڪاري اسپتال مان صحي علاج نہ ٿيڻ ڪري زندگي داءُ تي لڳل آهي ان موقعي تي عيادت لاءِ آيل سنڌ سنگيت فنڪار ويلفيئر ايسو سيئيشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد پناه مهر پڻ ثقافت کاتي سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ راڳي محمد يونس چنہ جو سرڪاري خرچ تي ڪراچي جي خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائي زندگي بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

بقايا سنڌيار 02

سالان حفيظ الله ولد بشير احمد سبزوئي کي ٽيو سبزي منڊي وٽان ٻہ نقاب پوش موٽرسائيڪل سوارن پاران اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڳوٺاڻن بروقت پهچي ڇڏائي ورتو ڌرتي ڌڻي تحريڪ تعلقہ صدر حبيب الله سبزوئي جو چوڻ هو تہ مان ايس ايڇ او اي سيڪشن جو نمبر رابطو ڪرڻ لاءِ مسلسل ملائيندو رهيس ايس ايڇ او جو نبر بند مليو ڪانپوءِ ٿاڻي تي ويس تہ ايس ايڇ او ڪونہ مليو ۽ وڏو منشي بہ ڪونہ مليو ننڍا منشي هيا تہ اوهي فون هلائڻ ۾ مصروف هيا دانهن وٺڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا. اڳواڻن حبيب الله سبزوئي زهيب سهرياڻي امام بخش پيو عامر علي بکرائي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ اسان ايس ايس پي ڪشمور مير روحيل کوسي کي اپيل ڪيون ٿا تہ نااهل آفيسرن کي هٽائي سٺا آفيسر مقرر ڪيا وڃن ۽ اغوا ڪارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 03

وفد ۾ جوزف ۽ فرحان سميع شامل هئا جڏهن اجلاس ۾ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد. سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان. پي ڊي ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي عبالعلا پٽي. ڊي جي پي پي موڊ اسد ضامن. ڊي ايم ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ. ڊي ايم ڊي آر آر جي سيد عمران زيدي. ڊائريڪٽر انويسٽمينٽ ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي شڪيل قريشي ۽ سيڪريٽري بورڊ زهرا دستگير موجود هئا. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ورلڊ بينڪ جي وفد پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ميئر ڪراچي جي ڪوشش کي ساراهيو. ملاقات دوران ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران ميئر ڪراچي کي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام جي بهتري لاءِ ڀرپور تعاون جو يقين پڻ ڏياريو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو تہ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بينڪ جي گڏيل سهڪار سان واٽر ڪارپوريشن ۾ سڌارن تحت وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي، هن چيو سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف منصوبن تي ڪم جاري آهي ۽ انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان شهر ۾ ڪافي بهتري ايندي. ان کان اڳ ورلڊ بئنڪ جي وفد هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر واٽر ڪارپوريشن جو تفصيلي معائنو ۽ جائزو پڻ ورتو. دوري جي موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن ورلڊ بئنڪ جي وفد کي واٽر ڪارپوريشن ۾ ڪيل سڌارن سميت هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر ۽ ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر جي قيام سميت واٽر ڪارپوريشن ۾ آندل ٻين سڌارن تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو

بقايا سنڌيار 04

نياڻي جو ذهني توازن ٺيڪ نہ هجڻ جو اعتراف . خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ايوب ڪنڊرا پرسان ويسريا ڳوٺ جي رهواسڻ 13 ورهين جي هندو ناري پوجا ڳوريو پراسرار طور تي گم ٿي ويئي آهي . ان سلسلي ۾ ناري جي امڙ شريمتي ليلان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ اڄ صبح منهنجي نياڻي پوجا کي گهر جي ٻاهران نامعلوم ماڻهو اغوا ڪري کڻي ويا آهن . سندس زندگي کي سخت خطرو آهي . نياڻي کي فوري طور بازياب ڪرائي ڏنو وڃي . ناري جي پيءُ سردار ڳوريو جو چوڻ آهي تہ نياڻي اغوا ناهي ٿي سندس ذهني توازن درست ناهي، اهڙي گمشدگي واري رپورٽ مون بي سيڪشن ٿاڻي تي پڻ ڪئي آهي . بي سيڪشن پوليس موجب پوجا ڳوريو جي پيءُ سردار ڳوريو ناري جي ذهني توازن درست نہ هجڻ ۽ سندس گمشدگي واري اين سي داخل ڪرائي آهي . پوليس وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي .

بقايا سنڌيار 05

علي پٺاڻ پنهنجي گهرواري ۽ پٽ آغا غضنفر علي پٺاڻ سان گڏ ايران ۽ عراق ملڪن کان مقدس زيارتون ڪري واپس گهر پهچڻ تي سکر واسي شهرين پاران مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي. جڏهن تہ ٽائون ڪاميٽي مکي شاه جي وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو. صحافي ارشاد احمد ڏنڊڻ. شفيق احمد پيرزادو. اسسٽنٽ ڪمشنر وسيم احمد مهر. ڊي ايف سي آغا ذوالفقار پٺاڻ. سپروائيزر غلام مصطفيٰ انڙ. ديوان بابو لال. انجنيئر مير مقصود احمد سولنگي. ايف ايم 88 جي اسسٽنٽ اسٽيشن منيجر بابر علي شيخ آغا سليم پٺاڻ. ڊاڪٽر آغا رضا علي پٺاڻ. آغا محسن علي پٺاڻ. صحافي آغا محمد علي پٺاڻ. مولوي محمد ياسين. مولوي محمد علي شيخ. اويس علي گهانگهرو. محسن علي گهانگهرو. باسط علي گهانگهرو. محب علي ميمڻ. صاحب ڏنو شيخ. اسدالله مهر. محسن علي خميساڻي. عبدالرئوف مهر. لياقت علي سومرو. ناظر نواز ريحان ملاح. محمد علي مري. ڊاڪٽر حسيب حيدر ميمڻ. زين العابدين ميمڻ. صداقت علي ميمڻ. قربان علي ميمڻ. احسان علي ميمڻ. عرفان علي ميمڻ. آغا علي رضا پٺاڻ. آغا علي حيدر پٺاڻ. ڊاڪٽر مختيار مهر سميت دوستن ۽ شهرين ڊاڪٽر آغا لياقت علي پٺاڻ ۽ سنڌس فرزند آغا غضنفر پٺاڻ جن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون.

بقايا سنڌيار 06

ٻنون شهر ۾ فاريسٽ کاتي جي رينجر پرويز قريشي ۽ ايس ايڇ او اختر لاشاري طرفان پوليس اٿالن کي ساڻ ڪري سيد برادري پاران ٻيلي کاتي جي آفيس سامهون ڪافي سالن کان وٺي اڏيل هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي. جنهن بعد ڇڪتاڻ وڌي وئي. ان سلسلي ۾ ٻيلي کاتي جي رينجر پرويز قريشي جو چوڻ آهي. ٻنون جي شهرين سنڌ حڪومت جي اختيارين کي لکت ۾ شڪايت ڪئي هئي. ٻيلي کاتي جي پلاٽن تي قائم ڪيل قبضا فورن ختم ڪرايا وڃن. جڏهن سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم ۽ فاريسٽ کاتي جي اعليٰ عملدارن جي هدايتن تي ٻنون فاريسٽ کاتي جي آفيس سامهون ٻيلي کاتي جي سرڪاري پلاٽ تي قبضي بعد اڏيل هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي. جلد ٻيلي جي زمينن تي قبضو ڪري زرعي آبادي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. هوڏانهن ٻيلي کاتي جي سرڪاري پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل سيد ميرل شاه ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ٻيلي کاتي جو راشي عملو خود سرڪاري زمينن ۽ پلاٽن کي وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث آهي. جلد ٻيلي کاتي جي ڪرپٽ عملي خلاف ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 07

۽ پٽ آغا غضنفر علي پٺاڻ سان گڏ ايران ۽ عراق ملڪن کان مقدس زيارتون ڪري واپس گهر پهچڻ تي سکر واسي شهرين پاران مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي. جڏهن تہ ٽائون ڪاميٽي مکي شاه جي وائيس چيئرمين مرتضا گهانگهرو. صحافي ارشاد احمد ڏنڊڻ. شفيق احمد پيرزادو اسسٽنٽ ڪمشنر وسيم احمد مهر. ڊي ايف سي آغا ذوالفقار پٺاڻ. سپروائيزر غلام مصطفا انڙ. ديوان بابو لال. انجنيئر مير مقصود احمد سولنگي. ايف ايم 88 جي اسسٽنٽ اسٽيشن منيجر بابر علي شيخ آغا سليم پٺاڻ. ڊاڪٽر آغا رضا علي پٺاڻ. آغا محسن علي پٺاڻ. صحافي آغا محمد علي پٺاڻ. مولوي محمد ياسين. مولوي محمد علي شيخ اويس علي گهانگهرو. محسن علي گهانگهرو. باسط علي گهانگهرو. محب علي ميمڻ. صاحب ڏنو شيخ. اسدالله مهر. محسن علي خميساڻي عبدالرئوف مهر لياقت علي سومرو. ناظر نواز ريحان ملاح محمد علي مري، ڊاڪٽر حسيب حيدر ميمڻ زين العابدين ميمڻ. صداقت علي ميمڻ. قربان علي ميمڻ. احسان علي ميمڻ. عرفان علي ميمڻ. آغا علي رضا پٺاڻ. آغا علي حيدر پٺاڻ. ڊاڪٽر مختيار مهر سميت دوستن ۽ شهرين ڊاڪٽر آغا لياقت علي پٺاڻ ۽ سنڌس فرزند آغا غضنفر پٺاڻ جن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون.

بقايا سنڌيار 08

وٺڻ جي سلسلي ۾ اڄ ضلعي نوشهروفيروز جي اسپتالن جو دورو ڪري رهيا آهيون سول اسپتال نوشهروفيروز جو دورو نهايت ئي مؤثر رهيو آهي اسپتال ۾ مريضن کي تمام سهولتون ملي رهيون آهن صفائي جو جوڳو انتظام ٿيل آهي بجليءَ جي بحران جون شڪايتون عام آهن جنهن ڪري مريضن جون ليبارٽري، ٽيسٽون، ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ نہ ٿيا ٿين ان حوالي سان اسپتال انتظاميہ خط و ڪتابت ڪئي آهي اميد تہ جلد اهو مسئلو بہ حل ٿيندو ۽ عوام کي وڌ کان وڌ فائدو رسندو. ان موقعي تي AMS ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي بہ ساڻن گڏ هو جنهن اسپتال جي سمورن معاملن بابت کين آگاهي ڏني

بقايا سنڌيار 09

زخمين مان ڪارو گونگرو جا رهواسي ضمير ڪوکو ۽ ارشد ڪوکر کي سول اسپتال سجاول آندا ويا. زخمين مان ضمير ڪوکر جي نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪراچي روانو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 10

۾ ٿيندو. جنهن ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن جا ضلعي عهديدران شرڪت ڪندا. اسڪالرز مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏيندا. بهترين ڪارڪردگي تي ضلعي عهديدران کي مختلف شعبن ۾ ايوارڊ ڏنا ويندا. صوبائي صدر قاضي مشهود احمد جي صدارت هيٺ مجلس عاملہ جي پروگرام جي انتظامن بابت اجلاس ٿيو. جنهن ۾ مولانا اشرف جتوئي، مخدوم محمد اعظم، شهزاد وقاص، خليفي محمد اقبال سوهو. ڊاڪٽر سعيد اعوان. مشتاق احمد سومرو. نياز احمد راڄپر. طارق منگي، مظفر قائمخاني، خليفي طارق مسعود ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ضلعن جي 9 مهينن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي صوبائي صدر خليفي قاضي مشهود احمد ظاهري پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ اسان جو قائد فخر انسانيت سجڻ سائين انسانن جي درميان امن هم آهنگي ۽ رواداري جي فروغ لاءِ سرگرم عمل آهن. اسلام جو پيغام خيرخواهي، امن ۽ سلامتي جو پيغام آهي. اسان پنهنجي قائد سجڻ سائين جي هدايتن تي عمل ڪيو وڃي تہ توهان ۾ محبت ۽ ڀائيچاري جا جذبا خود بخود پيدا ٿي ويندا.

بقايا سنڌيار 11

ڏنو هن جيجي زرينا بلوچ جي ورسيءَ جي موقعي تي سسئي پليجو وڌيڪ چيو آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ هڪ ئي وقت سنڌ جي جرئتمند ڌيءَ، استاد، سياستدان، قومي گيتن جي شاعره، اديب ۽ گلوڪاره هجڻ سان گڏ سنڌ جي پهرين سياسي قيدياڻي عورت اختر بلوچ جنهن قيد جي ڊائري لکي ان جي والده هئي ۽ هن بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن هن چيو تہ جيجي زرينا بلوچ کي سنڌ جا ماڻهو هميشہ ياد ڪن ٿا. هن چيو تہ اڄوڪي جيجي زرينا بلوچ جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪيس سنڌس جدوجهد، همت، جرئت ۽ وفاداري تي ڪيس سلام پيش ڪريان ٿي.

بقايا سنڌيار 12

عبدالرحمان ناريجو تي ٿيندڙ حملي واقعي جا تفصيل ورتا ايس ايس پي چيو تہ سڱاوتي تڪرار جي واقعن ۾ اهڙي قسم جا واقعا ٿيندا آهن زخمي نوجوان کي ڪراچي علاج لاءِ موڪليو آهي ان جي ماءُ مطابق سندس چوڻ تي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي فلحال حملي آور پنڊ برادري جا ماڻهون ڏاهيجي مارڪيٽ ۾ رهندڙ گهر خالي ڪري ڀڄي ويا آهن پوليس وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ان موقعي تي صحافين جي سوال جي جواب ۾ چيو تہ ايس ايڇ او گهارو مظهر علي سومرو کي فلحال اضافي چارج ڏني وئي آهي گهارو ٿاڻي تي ايس ايڇ او جلد مقرر ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 13

جي هڪ نوجوان جي نارو شاهہ اسٽاپ تان چابي چور موٽر سائيڪل کاهي فرار ٿي ويا باگڙي برادري روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا بعد ۾ پوليس پهچي روڊ کولرايس. ياد رهي تہ ڪافي وقت کان نوشهروفيروز بدامني ۽ ڦرن جو مرڪز بڻجي چڪو آهي پوليس خاموش تماشائي وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڪوبہ شهري محفوظ ناهي رهيو شهرين ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي تہ پوليس پنهنجي ڪردار کي بهتر بڻائي ۽ ڏوهن تي ڪنٽرول ڪري تہ جيئن ماڻهو سک جو ساهہ کڻي سگهن.

بقايا سنڌيار 14

تي مشين ٻنهي آفيسرن ڪوچ ۽ وينن وارن کي سختيءَ سان هدايت ڪئي تہ نگران حڪومت پيٽرول ڊيزل لاٿو آهي مگر انهي جي باوجود اوهان مسافرن جي ڪراين ۾ ڪمي نہ ڪري غريب عوام سان زيادتي ڪري رهيا آهيو تنهنڪري آئندا مسافرن کان وڌيڪ ڪرايو وٺڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ اوهان خلاف سخت قانوني قدم کڻي گاڏيون چالان ڪري ڪيس داخل ڪيا ويندا 0

بقايا سنڌيار 15

ڪمپيوٽر ليب ۽ سائنس ليب جو پڻ معائنو ڪيو هن چيو تہ استادن تي وڏي ذميواري آهي تہ هو تعليمي نظام جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن تہ جيئن ضلعي مان تعليمي پسماندگي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن. هن استادن کي وڌيڪ چيو تہ هو ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيڻ سان گڏ غير نصابي سرگرمين تي بہ ڪم ڪن تہ جيئن ٻارن جي ذهني تربيت ۽ جسماني نشونما بہ صحيح نموني ٿي سگهي. هن شاگردن تي زور ڏنو تہ هو موبائل ۽ سوشل ميڊيا جي غير ضروري استعمال کان پاسو ڪن ـ هن چيو تہ توهان سڀاڻي جا معمار آهيو ان ڪري هاڻي پنهنجي علائقي جي مالڪي ڪريو ۽ ماحوليات جي بهتري ۽ آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ ٻوٽا لڳائڻ جي مهم ۾ حصو وٺو ۽ پنهنجي حصي جا وڻ لڳايو ۽ پوءِ ان جي حفاظت ڪريو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص ٻارن جي انرولمينٽ ۽ حاضري چيڪ ڪئي ۽ استادن جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي. هن تعليمي ادارن جي انتظاميا کي هدايت ڪئي تہ صفائي سترائي ۽ تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ سميت ٻيا انتظام ڪيا وڃن. ان موقعي تي تعليمي ادارن جي سربراهن پنهنجا مسئلا ٻڌايا. جنهن تي ڊويزنل ڪمشنر سنڌن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ان کان اڳ ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص فيصل احمد عقيلي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سان گڏ مٺي شهر جي سولر آر او پلانٽ ۽ واٽر سپلاءِ ٽينڪ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي تہ صاف پاڻي جي فراهمي ۾ درپيش سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن ۽ عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي بروقت فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي هن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي هدايت ڪئي تہ هو ان حوالي سان تفصيلي رپورٽ ناهي ڪمشنر آفيس ميرپورخاص کي موڪلي

بقايا سنڌيار 16

ڳوٺن جي مسجدن ۾ سولر لائيٽون لڳايون ويون جنهن ۾ سليمان سوسائٽي نور محمد سوسائٽي قول محمد سوسائٽي شهيد سورهيہ بادشاه چوڪ ايوب سوسائٽي نور محمد سوسائٽي علي مهر خدا بخش مهر مانجهي مهر ادلو مهر، ملڻ مهر فقير احمد صالح مهر درگاهہ عبدالله مست فقير اسماعيل مهر سميت ٻين ڳوٺن ۾ لڳايو ويون انهي موقعي تي يوسي چيئرمين محمد قاسم چاچڙ جو چوڻ هو تہ اسان بنا ڪنهن فرق جي يوسي جي هوتني ٻيل ڳوٺن کي بنيادي صحولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ڪوشش ڪري يوسي جي سمورن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا غريبن جي خدمت ڪرڻ سان دلي سڪون ملي ٿو تمام جلد يوسي قاضي بادل مهر جي ٻين ڳوٺن جي مسجدن ۾ سولر لائيٽون لڳايون وينديون

بقايا سنڌيار 17

جنهن جو رليف عوام کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو تہ غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ڪنهن سان بہ رعايت نہ ڪئي ويندي. سچل سرمست سنڌ جي عظيم هستي آهي. صوفين جي تعليم کي عام ڪري امن قائم ڪري سگهجي ٿو نگران وڏو وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (گمس) پهتو. سنڌ جي نگران وڏي وزير جي گمس پهچڻ تي اسپتال جي سربراهہ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي سندس استقبال ڪيو جسٽس (ر) مقبول باقر اسپتال جي ڊي ڪيٽر يونٽ ۽ ايڪسري يونٽ جو دورو ڪيو جڏهن تہ ڊي ڪيٽر يونٽ ۾ داخل مريضن سان ملاقات ڪئي. وزير اعلي سنڌ کي ٻڌايو ويو تہ گمبٽ اسپتال تي 2008 کان 30 ارب رپيا خرچ ٿي چڪا آهن جڏهن تہ اسپتال جو ساليانو خرچ 6 ارب رپيا آهي. نگران وڏي وزير سنڌ جي ڪڊني سينٽر ۾ گردن جي آپريشن لاءِ آيل مريضن ۽ ٿيليسيميا جي مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ ڊائلاسز جو طريقيڪار ڏٺو جسٽس (ر) مقبول باقر گمس اندر چيف ٽيرولوجسٽ ۽ ٻين سينيئر ڊاڪٽرن سان بہ پڻ ملاقات ڪئي ۽ معلومات ورتي. سنڌ جي نگران وڏي وزير ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي کي هدايت ڪئي تہ هر سيڪشن ۾ مريضن جي آساني لا گائيڊ رکيو وڃي جيڪو هر حوالي سان موجود مريضن جي رهنمائي ڪري ان کانپوءِ هو خيرپور جي تاريخي اسڪول ناز پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول جو دورو جتي هو استادن ۽ شاگردن سان ملاقات ڪئي ۽ اسڪول جي مرمت جو اعلان ڪيو. نگران وڏو وزير سول اسپتال خيرپور جو بہ دورو ڪيو ڪاڊي ۽ صفائي جي بهتر نہ هجڻ تي ميڊيڪل سپرينڊنٽ ۽ فنانس آفيسر کي معطل ڪيو

بقايا سنڌيار 18

مان فائدو وٺندي سوين غير سرڪاري ادارن لٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ عارضي آفيسون قائم ڪيون آهن. جن ۾ سوين ملازم ڪم ڪن ٿا. جن مان اڪثريت غير مقامي ماڻهن جي آهي روزانو فيلڊ ورڪ جي نالي تي سوين گاڏيون ڪرائي تي ورتي ڇڏيون آهن. جڏهن تہ فيلڊ ۾ بہ هڪ سيڪڙو بہ ڪم نظر نہ ٿو اچي جڏهہ تہ متاثرن کي ڪو بہ رليف نہ ملي سگهيو آهي. آر ڊي ايف جا ماڻهو صرف پنهنجي پسند جي ماڻهن کي ڏنڊي لاءِ وڏيون رشوتون وٺي پئسا ڏئي رهيا آهن. ٻراهي ماڻهوان پئسن سان ڪو بہ ڪاروبار نہ ڪري رهيا آهن. لٽي جي بيروزگار نوجوانن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ. ڊي سي ٺٽو کي اپيل ڪئي آهي تہ آر ڊي ايف جي ڪاروائين جي فوري انڪوائري ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ثبوت مليا تہ انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي تہ جيئن حقدار نوجوانن ڪاروبار ڪري سگهنس

بقايا سنڌيار 19

شاه پرسان فريد آباد جو رهواسي واحد بخش چانڊيو زمين تي قبضو ڪندڙ با اثرن سڪندر چانڊيو . نماڻو چانڊيو ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف ميڊيا سان دانهيندي الزام هڻندي چيو تہ منهنجي 7 جريب زمين تي سڪندر چانڊيو ۽ نماڻو چانڊيو هٿيار بند ساڻ ڪري زبردستي قبضو ڪري اسان کي گهرن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ پوليس بہ بااثرن سان پٽ ٻڌجي اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي ، هن جو وڌيڪ چوڻ هيو تہ بااثرن ۽ پوليس جي خوف جي ڪري اسان پنهنجي ٻارڙن کي اسپتال تائين بہ پهچائي نہ ٿا سگهون. هن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ پوليس ۽ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 20

جي پاليسي جي مطابق پيداواري اثاثا (مينهون) فراهم ڪيون ويون آهن. سرسو جي ترجمان جميل سومرو مطابق هي فليگ شپ پروگرام حڪومت پاڪستان ۽ انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپمينٽ (IFAD)جي تحت عمل وجود ۾ آئيو ويو جنهن کي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) عملدرآمد ڪري رهيو آهي. سرسو جي مائيڪرو هيلٿ انشورنس جي لائيو اسٽاڪ ڊيٿ ڪليم پاليسي جي تحت، اين پي جي پي پروگرام تحت، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا مستفيد انتهائي غريب خاندانن کي جانور منتقل ڪيا ويا جنهن جو مقصد NPGPپاران انتهائي غريب خاندانن جي معاشي ذريعن جي موت جي صدمي کان محفوظ بڻائڻ آهي.

بقايا سنڌيار 21

ووٽ يوسي جنگهڙي بجاءِ يوسي جهمپير ۾ شامل ڪرڻ لاءِ فارم مهيا ڪيا ويا. جيڪي ڪين اڄ تائين پري 25 آڪٽوبر تي اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻا هئا. جتي ڪين ٻيهر 28 آڪٽوبر تي فارم جمع ڪرائڻ جي صلاح ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ متاثر يوسي جهمپير جي ڪيترن ئي رهواسين حاجي عثمان جاڪرو، انور ڪوهستاني، عمر برفت، قادر جاڪرو، رشيد پالاري جي اڳوائي ۾ ڊي سي ٺٽو سان ملاقات ڪري ڪين درپيش سمورن مسئلن کان آگاه ڪيو ان موقعي تي ڊي سي ٺٽو متاثر ڪوهستان واسين کي خاطري ڪرائي تہ سنڌن جائز مسئلا حل ڪيا ويندا. هن چيو تہ نئين ٿيل تڪبندين ۾ جيڪي سنڌن ڳوٺ يوسي جهمپير مان ڪٽجي يوسي جنگهڙي ۾ ويا آهن. اهي ڪين ڏنل فارم پري 28 آڪٽوبر تائين اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪن. ان تي غور ويچار ڪيو ويندو، باقي يوسي جنگهڙي جي آفيس متاثر ڪوهستان واسين جي صلاح، مشوري توڙي انهن جي رضامندي سان جوڙائي ويندي. جنهن لاءِ ڊي سي ٺٽو پاران يوسي جنگهڙي جي چيئرمين کي هڪ ليٽر جاري پڻ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ کيس هدايت ڪئي وئي آهي. هو متاثر ڳوٺاڻن جي تڪليفن کي مدنظر رکندي انهن جي خواهش مطابق يوسي جنگهڙي جي آفيس قائم ڪئي وڃي. ڊي سي ٺٽو پاران اليڪشن ڪميشن ٺٽو کي سفارش ڪئي متاثر ڳوٺاڻن جي ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن جي رضامندي تحت پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن. جيئن هو پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪري سگهن ۽ اليڪشن دوران ڪين ڪنهن قسم جي تڪليف کي منهن ڏيڻو نہ پوي.

بقايا سنڌيار 22

لاست ارب روپين کان وڌيڪ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي کي ورلڊ بينڪ کان ملندڙ فنڊن ۽ ان مان هلندڙ ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ پنجن ڄڻن تي مشتمل ورلڊ بينڪ جو وفد بدين پهتو جنهن کي پاڪستان ۾ موجود ورلڊ بينڪ جي پاڪستاني ڪامورن ۽ سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا طرفان مڪمل طور تي خفيا رکيو ويو ۽ ورلڊ بينڪ جي وفد کي بدين ضلع ۾ ٻوڏ متاثر علائقن ۽ ٻوڏ ن جو سبب بڻجندڙ انهن واهن ۽ ايل بي او ڊي جون اهي سائيڊون وزٽ ڪرائڻ جي بجاءِ انهن سائيڊن جو دورو ڪرايو ويو جتي ڪوب نقصان نہ ٿيو آهي سيڊا جي هڪ ذريعي اهو بہ ٻڌايو تہ ورلڊ بينڪ جي وفد جي شيڊول ۾ انهن علائقن جي اسٽيڪ هولڊر ۽ آباد گارن سان ملڻ ورلڊ بينڪ جي فنڊن سان هلندڙ ڪمن بابت ڳالهہ ٻول ڪرڻ بہ شامل هو پر آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن بدين جي بجاءِ وفد کي ٽنڊو محمد خان ۾ مخصوص ماڻهن جن ۾ بدين جي انهن اين جي اوز جي نمائندن سان ملاقات ڪرائي جن بدين 99 کان بدين ضلع ۾ ايندڙ ساموندي طوفانن ۽ ٻوڏن ۾ متاثر ماڻهن ۽ متاثر علائقن جي بحالي لاءِ اربين روپين جا پروجيڪٽ حاصل ڪري پاڻ ڪک پتي مان ارب پتي ٿي ويا جن آبپاشي کاتي ۽ سيڊا تي سڀ ٺيڪ آهي جا قصيده پڙهيا ۽ ورلڊ بينڪ جي فنڊن مان هلندڙ واهن سر تالن ۽ ايل بي اوڊي سميت هلندڙ ڪمن کي پڻ واکاڻيو ۽ ورلڊ بينڪ جي منصوبن مان اڪرم واه ۽ ٽيل ۾ پاڻي جي صورتحال بابت پڻ واکاڻ ڪري ورلڊ بيڪ جي ڏنل فنڊن ۾ ٽينڊز ڪرپشن تي پڙدو وجهي ڇڏيو آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ذريعن موجب تہ ورلڊ بئنڪ جي پرڏيهي وفد جي دوري کي مڪمل گجهو رکيو ويو ۽ انهي وفد کي بدين ٽنڊوباگو ۽ ساموندي پٽي جو دورو ڪرڻو هو ۽ مقامي ماڻهن سان پڻ ملڻو هو پر ٿيو ائين تہ ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي ٽنڊو محمدخان ۽ ماتلي جي متاثرين علائقن ۾ گهمائي اڪرم واه بابت من گهڙت ڪهاڻي ٻڌائي واپس روانو ڪيو ويو ذريعن موجب تہ بااثرن ۽ ڪامورن ڪنهن بہ صورت ۾ ورلڊ بينڪ جي ٽيم کي بدين جي پيچڙي جي مقامي ماڻهن آبادگارن تائين نہ پهچڻ ڏنو ويو ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي 2 ڏينهن بدين جي علائقن جو وزٽ ڪرڻو هو عام ماڻهن سان ملڻو هو جنهن ۾ ايل بي او ڊي پراڻ ڊورواڪرم واه سميت پاڻي جي باري مڪمل معلومات وٺڻي هئي جيڪو سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن نہ ڪرائڻ ۾ مڪمل ڪامياب ٿي ويا ٽيل آباد گار ايسوسيئيشن جي اڳوائڻ عزيز ڏيرو عبدالغفور چانڊيو لالا نواز شيخ گل هنگورجو آبپاشي ۽ سيڊا جي ڪامورن جي هن عمل جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي تہ هنن بدين ضلع کي پنهنجي ڪمائي جو ذريعو ٺاهي بدين جي پيچڙ ۽ ساحلي پٽي کي تباهي جي ورچاڙهي ڇڏيو آهي اسان هاڻ هنن خلاف اينٽي ڪرپشن ايف آءِ اي ۽ نيب جا دروازا کڙڪائينداسين

بقايا سنڌيار 23

خليفو عبدالرحيم وڏنپوٽو پي اير آئي سي تعلقہ گمبٽ جو صدر خليفو محمد مٺل جامڙو نائب صدر ديدار حسين جامڙو ايڊوڪيٽ عبدالحفيظ جامڙو. فقير زبير احمد وڏنپوٽو فقير بهادر علي پي اير آئي سي تعلقہ سوڀوديرو جو صدر خليفو فقير امتياز حسين وڏنپوٽو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسانجي روحاني پيشوا شاه محمود قريشي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ناحق گرفتار ڪري جيل اندر رکيو ويو آهي جنهن عمل سان غوثيا جماعت جي مريدن جي دل آزاري ٿي آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو تہ اسان نگران حڪومت کان مطالبو ٿا ڪيون تہ اسان جي مرشد مخدوم شاه محمود قريشي مٿان ڪيس ختم ڪري جلد آزاد ڪري مريدن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ مرشد جي آزاديءَ لاءِ ملڪ گير احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي!!!!

بقايا سنڌيار 24

ٽي آيل ميرپور خاص واسي نوجوان عبدالرزاق ولد عبدالرحمان ناريجو کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا. زخمي نوجوان کي رورل هيلٿ سينٽر گهارو آندو ويو. جتان فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد کيس گنڀير جوڳي حالت ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻڌايو پيو وڃي تہ ميرپور خاص واسي نوجوان عبدالرزاق ناريجو سول ڪورٽ گهارو ۾ ڪيس جي تاريخ تي آيل هو. جنهن جي تاڙ ۾ بيٺل نامعلوم هٿيار بندن مٿس سڌيون گوليون هڻي کيس سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا. واقعو سڱاوتي تڪرار جو نتيجو ٻڌايو پيو وڃي. گهارو پوليس فرار ٿي ويل حملي آورن جي ڳولا جاري ڪري ڇڏي آهي، آخري اطلاعن تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ اچي ناهي سگهي.

بقايا سنڌيار 25

گرفتارين خلاف پيرسن جو عورتن ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي 70 ورهين جي پيرسن ولي محمد پٽي ٻڌايو تہ بااثر شخص سرائي اختر حسين پٽي سندس ۽ چاچن جي 64 ايڪڙ زمين تي هٿيار بند ماڻهون وهاري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ سندس پٽن ۽ پائيٽن جي بچا ڳاچا ڪرڻ تي کين وحشاڻو تشدد ڪيو ويو جنهن جي رپورٽ مانجهند ٿاڻي تي ڪرڻ وياسين ت ڪيس سنڌس پٽن سهيل مانجهند ڪاليج جي شاگردن آڪاش عامر پائيٽي سڪندر پٽي کي ٿاڻي تي ويهاري ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن ۾ مونکي فالج ۽ دل جي تڪليف سبب ڇڏي پٽن کي لاڪپ ڪري جيل موڪليو ويو آهي سنڌس پائيٽو ۽ پٽ زخمي آهن پر پوليس وڏيري کان رشوت وٺي ميڊيڪل ليٽر ڏيڻ لاءِ تيار ناهي هن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو تہ حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 26

حيدر آباد کان ايندڙ مزدا گاڏي کي روڪي چيڪ ڪيو جنهن دوران گاڏي ۾ سياري جي استعمال ۾ ايندڙ گرم ڪپڙن جي آڙ ۾ مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ مين پڙي جو مٽيريل 80 ڪٽا ۽ تيار شده مين پڙي جا 40 ڪٽا برامد ڪندي مزدا گاڏي کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڊرائيور گل زمان پٺاڻ کي گرفتار ڪري سندس مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي وڌي تفتيش جاري آهي انهي موقعي تي ڊي ايس پي محمد خان زئور پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ضلعي اندر منشيات فروش خلاف ڪاروائون تيزي سان جاري آهن مين پڙي گٽڪو آئيس، هيروئن، چرس، ڪچو شراب سميت تمام منشيات کي ضلعي اندر ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو منشيات ۾ جيڪو بہ ملوث هوندو تہ هن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 27

جي حڪم تي زمين خالي ڪرائي رهيا آهيون سرڪاري زمين مقاطعي تي ڏيڻ غلط عمل آهي. پرنسيپل محمد حسن پٽي چيو تہ 35 ايڪڙ زمين 6 مقاطعيدارن حوالي هئي جنهن جو ڪيس هائي ڪورٽ ۾ هلندڙ هو ڪورٽ اهو ڪيس رد ڪري ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن ڏانهن موڪليو جنهن خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

بقايا سنڌيار 28

ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن وارث لاش ڳوٺ باجهي گوپانگ کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو وارث عورتون لاش کي چنبڙي ڏانهون ڪري روئنديون رهيون. اسپتال ۾ موجود مقتول محمد حسن گوپانگ جي ڀاءُ ارشاد گوپانگ صحافين کي ٻڌايو تہ اسان جي پنهنجي ئي ڳوٺ جي گوپانگ برادريءَ سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان جوابدارن ضمير، شڪيل، دوست محمد، شبير، خير محمد پنهنجي ساٿين سان گڏجي گهر تي حملو ڪري گهر ۾ زبردستي گهڙي آيا ۽ گهر ۾ ننڊ ستل ڀاءُ محمد حسن مٿان سڌيون گوليون وسايون جنهن ۾ هو تڏي تي قتل ٿي ويو ظالمن اسان جو نوجوان ڀاءُ بيگناه قتل ڪيو آهي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ٺٽون ديرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او آصف مغل واقعي بابت ٻڌايو تہ واقعو گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي. مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو آهي وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ڪاروايون جاري آهن جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. آخري اطلاعن تائين پوليس واقعي ۾ ملوث ڪو بہ جوابدار گرفتار نہ ڪري سگهي هئي ۽ نہ ئي واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو هو.

بقايا سنڌيار 29

۾ آئي ناهي سگهي، ٺٽي جي فنڪارن ۽ اداڪارن ايس ايس پي ٺٽو کان گهر ڪئي آهي تہ فورن مزاحيہ اداڪار عرس ناريجو تي حملو ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار ڪري عرس ناريجو کي تحفظ مهيا ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 30

۾ پ پ ليڊيز ونگ جو وڏو اجلاس ٿيندو جنهن ۾ صوبائي قيادت شرڪت ڪندي. جنهن ۾ سڄي ضلعي ۾ عورتن جي تنظيم سازي ڪئي. ويندي. عورتن جي تنظيم سازي ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي ۽ ان اميدوارن جي ڪاميابي بلاول ڀٽو زرداري کي وزير اعظم بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. ان موقعي تي تي علي حسن هنگورجي ليڊيز ونگ جي صدر رخسانہ شرجي ڪارڪردگي تي خراج تحسين پيش ڪيو، ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي جو چونڊيل ڪائونسلر جمعہ خان اخروٽي، محمد قذافي .اشفاق سلهري ۽ عزيز الرحمان رند بہ پڻ موجود هئا. ان موقعي تي چيئرمين وفد کي يقين ڏياريو تہ سانگهڙ جي عوام جي هر ممڪن خدمت ڪنداسين. شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. مون کي عوام چونڊيو آهي مان پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ سانگهڙ جي عوام جو شڪر گذار آهيان جن مون تي اعتماد ڪيو.

بقايا سنڌيار 31

جو چوڻ هو تہ گذريل ڏينهن بااثر پوليس اهلڪار ساٿين سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري عورتن ۽ ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو، پاڙي وارن جي پهچڻ تي جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. اهڙو اطلاع سائيٽ ايريا ٿاڻي تي ڏيڻ باوجود پوليس گهر تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، جنهن سبب جوابدار ڊر موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 32

جروار، خانپور مهر، ميرپور ماٿيلو، يارولنڊ، دادلغاري سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس روپوش ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ خانپور مهر جي مختلف ڳوٺن سهانجڙو، پيربري، کيهر بوزدار سميت ٻين ڳوٺن تي ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو نذير سومرو جي اڳوائي ۾ پوليس اٿالا چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو. پوليس سرچ آپريشن دوران 5 ڄڻن چاڪر بوزدار، پيروز بوزدار سميت ٻين شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ پوليس جوابدارن اختر بوزدار، ٽيڊي پتافي بجو بوزدار سميت ٻين جا گهر ڊاهي پٽ ڪيا. پوليس چوپايو مال پڻ ڪاهي آئي. رابطو ڪرڻ تي ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو نذير احمد سومرو ٻڌايو تہ جوابدارن ٽيڊي پتافي . اختر بوزدار، حميد پتافي، محرم پتافي، ادل بوزدار بادر بوزدار، ميگهلو بوزدار جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪيون آهن. هن چيو تہ ڌوهارين جي گرفتاري تائين پوليس آپريشن جاري رهندو

بقايا سنڌيار 33

\صدر ريڪا ڀيل، نائيب صدر هريشان ڪولهي، جنرل سيڪريٽري سمينہ جوڻيجو، جوائينٽ سيڪريٽري لڇمي ڪمليش ڪولهي، خزانچي حليمان اعظم مريداڻي، پريس سيڪريٽري ڪونتوا ڀيل، ميمبرن ۾ شاهدا صديق، گيتا ديوت، صائمہ هنگورجو زبيده جروار، ماڌوري پورو ڪولهي چونڊجي ويون. پروگرام ۾ عورتن، ٻارن ۽ مردان بهترين شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وڪيل وسند ٿري سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ شمشاد لغاري، عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ وڪيل ديال صحرائي، افشين ميمڻ، اوپايو جوڻيجو، وڪيل ديوترا، رحمان نهڙي، اعظم مريداڻي، اي بي چارو، شازيا جوڻيجو، هريشان ڪولهي، امام هنگورجو، هرسينگ ڀيل، منسک ڪولهي، ميوارام ساقي، پورالال ڀيل، ڪرشن ميگهواڙ، خوشحال ڀيل، ماجد ٻسايو، امول ٿري، ڪمليش ڪولهي، امرسنگ ڀيل ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سنڌياڻي تحريڪ کي پنهنجا حياتي ڏني، سنڌي موسيقي کي بهترين انقلابي ۽ ثقافتي گيت ڏنا. رسول بخش پليجي صاحب جي فڪر سان سلهاڙجڻ ڪانپوءِ روايتي لاڏن کي ڇڏي ڪري هڪ بهترين قومي انقلابي راڳي ٿي اڀري ۽ سڄي سنڌ ۾ لطيف، اياز، استاد، منشي، سرويچ ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ڳائي دنيا ۾ داد ماڻيس انهن وڌيڪ چيو تہ جيجي هڪ بهترين استاد ۽ ليکڪ پڻ هئي. پارٽي جي ڪارڪنن کي تمام گهڻو پاليندي هئي. جيجي جيلن ۾ ويئي، سياسي سرگرمين دوران لٺبازي ۾ هن جا مٿا ڦاٽا، حملا ٿيا پر آخري گهڙي تائين پارٽي ۽ رهبر رسول بخش پليجي صاحب سان سچي رهي. سنڌياڻي تحريڪ جي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ شاندار جدوجهد رهي آهي. هن وقت بہ سنڌ جي هن ڏکهن وارن واري فوج کي منظر ٿيڻ جي سخت ضرورت آهي. عورت سماج جي اڌ آبادي آهن انهن کان سواءِ ڪا بہ تبديلي ممڪن ڪونهي. پر اسان جي قائد جو تہ فڪر ئي اهو آهي تہ عورت ويڙهہ جو صف اول دستو آهن! جيجي زرينہ بلوچ جي زندگي مان سبق پرائي اسان کي پنهنجي فڪري لائين تي عمل ڪري پنهنجي منزل طرف وڌڻ کپي. پروگرام ۾ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس تحريڪ جي شاگردياڻين ثقافتي ٽيبلوز پيش ڪري ۽ چندر ڪولهي گيت ڳائي جيجي کي ڀيٽا ڏني ۽ خوب داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 34

ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي، مليريا جي ڇرڪائيندڙ رپورٽ مطابق نجي اسپتالن کي ڇڏي ڪري فقط سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۽ بي ايڇ يو ڪانڌڙا جي ورتل جائزي مطابق هڪ مهيني ۾ مليريا جون 7 هزار کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪيون ويون. جنهن ۾ 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس پازيٽو آيا آهن. ڏڙو سميت مختلف علائقن ۾ مڇر مار ڦوهارو نہ ٿيڻ ڪري مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، سرڪاري ۽ خانگي اسپتالون مريضن سان سٿجي ويون آهن. رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو، بي ايڇ يو ڪانڌڙا، لاٽڪپور، ٻنون ۽ ٻين ڳوٺاڻي صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان آهن. اسپتالن ۾ مليريا جي کٽون اٿلپ ٿي ويون آهن. جڏهن صحت کاتي سجاول جي ڊي ايڇ او پاران اسپتالن کي بهتر بڻائڻ وارين دعوائن جو پول کلي ويو آهي، ڏڙو ۽ پرپاسي جي رهواسين پاران سنڌ جي نگران حڪومت. ڊي سي سجاول ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان هنگامي بنيادن تي اپاءُ وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 35

سلسلو جاري رکيو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، خالد ٻانيڻ، جلال الدين پيو، عمر سومرو، ڪامران شيخ، اسحاق ڪوسو، محمد رضوان صديقي، شوڪت راهي، يار محمد سومرو، سيد قطباڻي شاهہ، مجيب ورند، صلاح الدين سميجو، ڪاشف قلبوٽو، ابراهيم سومراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي اڳواڻن چيو تہ 73 ڏينهن گذري ويا آهن سنڌ جي نگران وڏي وزير جي بقول شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري جي حوالي سان پاڻ مانيٽر ڪري رهيو آهيان ان باوجود قاتلن جو قانون جي پڪڙ ۾ نہ اچڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي اسان شهيد جي خون سان انصاف چاهيون ٿا جيستائين ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي نہ ٿو آندو وڃي اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين احتجاج ۾ صحافين فضل الرحمان قريشي، ارشاد ڏنڊڻ، علي ڪوسو، جي ايم شيخ، ڪشمير مهر، خالد امجد، عقيل قريشي، اسلم دايو، ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن تہ سول سوسائٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر نذير ڪوکر، محمد هريل ۽ ٻين شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ مطالبو ڪيو تہ سکر جي بهادر صحافي شهيد جان محمد مهر جي مک قاتلن جي گرفتار ڪري شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 36

ٻنون شهر ۾ فاريسٽ کاتي جي رينجر پرويز قريشي ۽ ايس ايڇ او اختر لاشاري طرفان پوليس اٿالن کي ساڻ ڪري سيد برادري پاران ٻيلي کاتي جي آفيس سامهون ڪافي سالن کان وٺي اڏيل هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي. جنهن بعد ڇڪتاڻ وڌي وئي. ان سلسلي ۾ ٻيلي کاتي جي رينجر پرويز قريشي جو چوڻ آهي. ٻنون جي شهرين سنڌ حڪومت جي اختيارين کي لکت ۾ شڪايت ڪئي هئي. ٻيلي کاتي جي پلاٽن تي قائم ڪيل قبضا فورن ختم ڪرايا وڃن. جڏهن سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم ۽ فاريسٽ کاتي جي اعليٰ عملدارن جي هدايتن تي ٻنون فاريسٽ کاتي جي آفيس سامهون ٻيلي کاتي جي سرڪاري پلاٽ تي قبضي بعد اڏيل هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي. جلد ٻيلي جي زمينن تي قبضو ڪري زرعي آبادي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. هوڏانهن ٻيلي کاتي جي سرڪاري پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل سيد ميرل شاه ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ٻيلي کاتي جو راشي عملو خود سرڪاري زمينن ۽ پلاٽن کي وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث آهي. جلد ٻيلي کاتي جي ڪرپٽ عملي خلاف ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 37

لاست ارب روپين کان وڌيڪ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي کي ورلڊ بينڪ کان ملندڙ فنڊن ۽ ان مان هلندڙ ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ پنجن ڄڻن تي مشتمل ورلڊ بينڪ جو وفد بدين پهتو جنهن کي پاڪستان ۾ موجود ورلڊ بينڪ جي پاڪستاني ڪامورن ۽ سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا طرفان مڪمل طور تي خفيا رکيو ويو ۽ ورلڊ بينڪ جي وفد کي بدين ضلع ۾ ٻوڏ متاثر علائقن ۽ ٻوڏ ن جو سبب بڻجندڙ انهن واهن ۽ ايل بي او ڊي جون اهي سائيڊون وزٽ ڪرائڻ جي بجاءِ انهن سائيڊن جو دورو ڪرايو ويو جتي ڪوب نقصان نہ ٿيو آهي سيڊا جي هڪ ذريعي اهو بہ ٻڌايو تہ ورلڊ بينڪ جي وفد جي شيڊول ۾ انهن علائقن جي اسٽيڪ هولڊر ۽ آباد گارن سان ملڻ ورلڊ بينڪ جي فنڊن سان هلندڙ ڪمن بابت ڳالهہ ٻول ڪرڻ بہ شامل هو پر آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن بدين جي بجاءِ وفد کي ٽنڊو محمد خان ۾ مخصوص ماڻهن جن ۾ بدين جي انهن اين جي اوز جي نمائندن سان ملاقات ڪرائي جن بدين 99 کان بدين ضلع ۾ ايندڙ ساموندي طوفانن ۽ ٻوڏن ۾ متاثر ماڻهن ۽ متاثر علائقن جي بحالي لاءِ اربين روپين جا پروجيڪٽ حاصل ڪري پاڻ ڪک پتي مان ارب پتي ٿي ويا جن آبپاشي کاتي ۽ سيڊا تي سڀ ٺيڪ آهي جا قصيده پڙهيا ۽ ورلڊ بينڪ جي فنڊن مان هلندڙ واهن سر تالن ۽ ايل بي اوڊي سميت هلندڙ ڪمن کي پڻ واکاڻيو ۽ ورلڊ بئنڪ جي منصوبن مان اڪرم واه ۽ ٽيل ۾ پاڻي جي صورتحال بابت پڻ واکاڻ ڪري ورلڊ بيڪ جي ڏنل فنڊن ۾ ٽينڊز ڪرپشن تي پڙدو وجهي ڇڏيو آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ذريعن موجب تہ ورلڊ بئنڪ جي پرڏيهي وفد جي دوري کي مڪمل گجهو رکيو ويو ۽ انهي وفد کي بدين ٽنڊوباگو ۽ ساموندي پٽي جو دورو ڪرڻو هو ۽ مقامي ماڻهن سان پڻ ملڻو هو پر ٿيو ائين تہ ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي ٽنڊو محمدخان ۽ ماتلي جي متاثرين علائقن ۾ گهمائي اڪرم واه بابت من گهڙت ڪهاڻي ٻڌائي واپس روانو ڪيو ويو ذريعن موجب تہ بااثرن ۽ ڪامورن ڪنهن بہ صورت ۾ ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي بدين جي پيچڙي جي مقامي ماڻهن آبادگارن تائين نہ پهچڻ ڏنو ويو ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي 2 ڏينهن بدين جي علائقن جو وزٽ ڪرڻو هو عام ماڻهن سان ملڻو هو جنهن ۾ ايل بي او ڊي پراڻ ڊورواڪرم واه سميت پاڻي جي باري مڪمل معلومات وٺڻي هئي جيڪو سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن نہ ڪرائڻ ۾ مڪمل ڪامياب ٿي ويا ٽيل آباد گار ايسوسيئيشن جي اڳوائڻ عزيز ڏيرو عبدالغفور چانڊيو لالا نواز شيخ گل هنگورجو آبپاشي ۽ سيڊا جي ڪامورن جي هن عمل جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي تہ هنن بدين ضلع کي پنهنجي ڪمائي جو ذريعو ٺاهي بدين جي پيچڙ ۽ ساحلي پٽي کي تباهي جي ورچاڙهي ڇڏيو آهي اسان هاڻ هنن خلاف اينٽي ڪرپشن ايف آءِ اي ۽ نيب جا دروازا کڙڪائينداسين

بقايا سنڌيار 38

وفد ۾ جوزف ۽ فرحان سميع شامل هئا جڏهن اجلاس ۾ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد. سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان. پي ڊي ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي عبالعلا پٽي. ڊي جي پي پي موڊ اسد ضامن. ڊي ايم ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ. ڊي ايم ڊي آر آر جي سيد عمران زيدي. ڊائريڪٽر انويسٽمينٽ ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي شڪيل قريشي ۽ سيڪريٽري بورڊ زهرا دستگير موجود هئا. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ورلڊ بينڪ جي وفد پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ميئر ڪراچي جي ڪوشش کي ساراهيو. ملاقات دوران ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران ميئر ڪراچي کي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام جي بهتري لاءِ ڀرپور تعاون جو يقين پڻ ڏياريو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو تہ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بينڪ جي گڏيل سهڪار سان واٽر ڪارپوريشن ۾ سڌارن تحت وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي، هن چيو سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف منصوبن تي ڪم جاري آهي ۽ انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان شهر ۾ ڪافي بهتري ايندي. ان کان اڳ ورلڊ بئنڪ جي وفد هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر واٽر ڪارپوريشن جو تفصيلي معائنو ۽ جائزو پڻ ورتو. دوري جي موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن ورلڊ بئنڪ جي وفد کي واٽر ڪارپوريشن ۾ ڪيل سڌارن سميت هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر ۽ ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر جي قيام سميت واٽر ڪارپوريشن ۾ آندل ٻين سڌارن تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو

بقايا سنڌيار 39

ووٽ يوسي جنگهڙي بجاءِ يوسي جهمپير ۾ شامل ڪرڻ لاءِ فارم مهيا ڪيا ويا. جيڪي ڪين اڄ تائين پري 25 آڪٽوبر تي اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻا هئا. جتي ڪين ٻيهر 28 آڪٽوبر تي فارم جمع ڪرائڻ جي صلاح ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ متاثر يوسي جهمپير جي ڪيترن ئي رهواسين حاجي عثمان جاڪرو، انور ڪوهستاني، عمر برفت، قادر جاڪرو، رشيد پالاري جي اڳوائي ۾ ڊي سي ٺٽو سان ملاقات ڪري ڪين درپيش سمورن مسئلن کان آگاه ڪيو ان موقعي تي ڊي سي ٺٽو متاثر ڪوهستان واسين کي خاطري ڪرائي تہ سنڌن جائز مسئلا حل ڪيا ويندا. هن چيو تہ نئين ٿيل تڪبندين ۾ جيڪي سنڌن ڳوٺ يوسي جهمپير مان ڪٽجي يوسي جنگهڙي ۾ ويا آهن. اهي ڪين ڏنل فارم پري 28 آڪٽوبر تائين اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪن. ان تي غور ويچار ڪيو ويندو، باقي يوسي جنگهڙي جي آفيس متاثر ڪوهستان واسين جي صلاح، مشوري توڙي انهن جي رضامندي سان جوڙائي ويندي. جنهن لاءِ ڊي سي ٺٽو پاران يوسي جنگهڙي جي چيئرمين کي هڪ ليٽر جاري پڻ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ کيس هدايت ڪئي وئي آهي. هو متاثر ڳوٺاڻن جي تڪليفن کي مدنظر رکندي انهن جي خواهش مطابق يوسي جنگهڙي جي آفيس قائم ڪئي وڃي. ڊي سي ٺٽو پاران اليڪشن ڪميشن ٺٽو کي سفارش ڪئي متاثر ڳوٺاڻن جي ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن جي رضامندي تحت پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن. جيئن هو پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪري سگهن ۽ اليڪشن دوران ڪين ڪنهن قسم جي تڪليف کي منهن ڏيڻو نہ پوي.

بقايا سنڌيار 40

ڪمپيوٽر ليب ۽ سائنس ليب جو پڻ معائنو ڪيو هن چيو تہ استادن تي وڏي ذميواري آهي تہ هو تعليمي نظام جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن تہ جيئن ضلعي مان تعليمي پسماندگي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن. هن استادن کي وڌيڪ چيو تہ هو ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيڻ سان گڏ غير نصابي سرگرمين تي بہ ڪم ڪن تہ جيئن ٻارن جي ذهني تربيت ۽ جسماني نشونما بہ صحيح نموني ٿي سگهي. هن شاگردن تي زور ڏنو تہ هو موبائل ۽ سوشل ميڊيا جي غير ضروري استعمال کان پاسو ڪن ـ هن چيو تہ توهان سڀاڻي جا معمار آهيو ان ڪري هاڻي پنهنجي علائقي جي مالڪي ڪريو ۽ ماحوليات جي بهتري ۽ آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ ٻوٽا لڳائڻ جي مهم ۾ حصو وٺو ۽ پنهنجي حصي جا وڻ لڳايو ۽ پوءِ ان جي حفاظت ڪريو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص ٻارن جي انرولمينٽ ۽ حاضري چيڪ ڪئي ۽ استادن جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي. هن تعليمي ادارن جي انتظاميا کي هدايت ڪئي تہ صفائي سترائي ۽ تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ سميت ٻيا انتظام ڪيا وڃن. ان موقعي تي تعليمي ادارن جي سربراهن پنهنجا مسئلا ٻڌايا. جنهن تي ڊويزنل ڪمشنر سنڌن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ان کان اڳ ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص فيصل احمد عقيلي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سان گڏ مٺي شهر جي سولر آر او پلانٽ ۽ واٽر سپلاءِ ٽينڪ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي تہ صاف پاڻي جي فراهمي ۾ درپيش سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن ۽ عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي بروقت فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي هن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي هدايت ڪئي تہ هو ان حوالي سان تفصيلي رپورٽ ناهي ڪمشنر آفيس ميرپورخاص کي موڪلي

بقايا سنڌيار 41

وفد ۾ جوزف ۽ فرحان سميع شامل هئا جڏهن اجلاس ۾ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد. سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان. پي ڊي ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي عبالعلا پٽي. ڊي جي پي پي موڊ اسد ضامن. ڊي ايم ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ. ڊي ايم ڊي آر آر جي سيد عمران زيدي. ڊائريڪٽر انويسٽمينٽ ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي شڪيل قريشي ۽ سيڪريٽري بورڊ زهرا دستگير موجود هئا. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ورلڊ بينڪ جي وفد پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ميئر ڪراچي جي ڪوشش کي ساراهيو. ملاقات دوران ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران ميئر ڪراچي کي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام جي بهتري لاءِ ڀرپور تعاون جو يقين پڻ ڏياريو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو تہ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بينڪ جي گڏيل سهڪار سان واٽر ڪارپوريشن ۾ سڌارن تحت وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي، هن چيو سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف منصوبن تي ڪم جاري آهي ۽ انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان شهر ۾ ڪافي بهتري ايندي. ان کان اڳ ورلڊ بئنڪ جي وفد هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر واٽر ڪارپوريشن جو تفصيلي معائنو ۽ جائزو پڻ ورتو. دوري جي موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن ورلڊ بئنڪ جي وفد کي واٽر ڪارپوريشن ۾ ڪيل سڌارن سميت هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر ۽ ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران هائيڊرنٽس مئنيجمينٽ سينٽر جي قيام سميت واٽر ڪارپوريشن ۾ آندل ٻين سڌارن تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو

بقايا سنڌيار 42

ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن وارث لاش ڳوٺ باجهي گوپانگ کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو وارث عورتون لاش کي چنبڙي ڏانهون ڪري روئنديون رهيون. اسپتال ۾ موجود مقتول محمد حسن گوپانگ جي ڀاءُ ارشاد گوپانگ صحافين کي ٻڌايو تہ اسان جي پنهنجي ئي ڳوٺ جي گوپانگ برادريءَ سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان جوابدارن ضمير، شڪيل، دوست محمد، شبير، خير محمد پنهنجي ساٿين سان گڏجي گهر تي حملو ڪري گهر ۾ زبردستي گهڙي آيا ۽ گهر ۾ ننڊ ستل ڀاءُ محمد حسن مٿان سڌيون گوليون وسايون جنهن ۾ هو تڏي تي قتل ٿي ويو ظالمن اسان جو نوجوان ڀاءُ بيگناه قتل ڪيو آهي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ٺٽون ديرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او آصف مغل واقعي بابت ٻڌايو تہ واقعو گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي. مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو آهي وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ڪاروايون جاري آهن جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. آخري اطلاعن تائين پوليس واقعي ۾ ملوث ڪو بہ جوابدار گرفتار نہ ڪري سگهي هئي ۽ نہ ئي واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو هو.

بقايا سنڌيار 43

لاست ارب روپين کان وڌيڪ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي کي ورلڊ بينڪ کان ملندڙ فنڊن ۽ ان مان هلندڙ ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ پنجن ڄڻن تي مشتمل ورلڊ بينڪ جو وفد بدين پهتو جنهن کي پاڪستان ۾ موجود ورلڊ بينڪ جي پاڪستاني ڪامورن ۽ سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا طرفان مڪمل طور تي خفيا رکيو ويو ۽ ورلڊ بينڪ جي وفد کي بدين ضلع ۾ ٻوڏ متاثر علائقن ۽ ٻوڏ ن جو سبب بڻجندڙ انهن واهن ۽ ايل بي او ڊي جون اهي سائيڊون وزٽ ڪرائڻ جي بجاءِ انهن سائيڊن جو دورو ڪرايو ويو جتي ڪوب نقصان نہ ٿيو آهي سيڊا جي هڪ ذريعي اهو بہ ٻڌايو تہ ورلڊ بينڪ جي وفد جي شيڊول ۾ انهن علائقن جي اسٽيڪ هولڊر ۽ آباد گارن سان ملڻ ورلڊ بينڪ جي فنڊن سان هلندڙ ڪمن بابت ڳالهہ ٻول ڪرڻ بہ شامل هو پر آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن بدين جي بجاءِ وفد کي ٽنڊو محمد خان ۾ مخصوص ماڻهن جن ۾ بدين جي انهن اين جي اوز جي نمائندن سان ملاقات ڪرائي جن بدين 99 کان بدين ضلع ۾ ايندڙ ساموندي طوفانن ۽ ٻوڏن ۾ متاثر ماڻهن ۽ متاثر علائقن جي بحالي لاءِ اربين روپين جا پروجيڪٽ حاصل ڪري پاڻ ڪک پتي مان ارب پتي ٿي ويا جن آبپاشي کاتي ۽ سيڊا تي سڀ ٺيڪ آهي جا قصيده پڙهيا ۽ ورلڊ بينڪ جي فنڊن مان هلندڙ واهن سر تالن ۽ ايل بي اوڊي سميت هلندڙ ڪمن کي پڻ واکاڻيو ۽ ورلڊ بينڪ جي منصوبن مان اڪرم واه ۽ ٽيل ۾ پاڻي جي صورتحال بابت پڻ واکاڻ ڪري ورلڊ بيڪ جي ڏنل فنڊن ۾ ٽينڊز ڪرپشن تي پڙدو وجهي ڇڏيو آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ذريعن موجب تہ ورلڊ بئنڪ جي پرڏيهي وفد جي دوري کي مڪمل گجهو رکيو ويو ۽ انهي وفد کي بدين ٽنڊوباگو ۽ ساموندي پٽي جو دورو ڪرڻو هو ۽ مقامي ماڻهن سان پڻ ملڻو هو پر ٿيو ائين تہ ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي ٽنڊو محمدخان ۽ ماتلي جي متاثرين علائقن ۾ گهمائي اڪرم واه بابت من گهڙت ڪهاڻي ٻڌائي واپس روانو ڪيو ويو ذريعن موجب تہ بااثرن ۽ ڪامورن ڪنهن بہ صورت ۾ ورلڊ بينڪ جي ٽيم کي بدين جي پيچڙي جي مقامي ماڻهن آبادگارن تائين نہ پهچڻ ڏنو ويو ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي 2 ڏينهن بدين جي علائقن جو وزٽ ڪرڻو هو عام ماڻهن سان ملڻو هو جنهن ۾ ايل بي او ڊي پراڻ ڊورواڪرم واه سميت پاڻي جي باري مڪمل معلومات وٺڻي هئي جيڪو سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ سيڊا جي ڪامورن نہ ڪرائڻ ۾ مڪمل ڪامياب ٿي ويا ٽيل آباد گار ايسوسيئيشن جي اڳوائڻ عزيز ڏيرو عبدالغفور چانڊيو لالا نواز شيخ گل هنگورجو آبپاشي ۽ سيڊا جي ڪامورن جي هن عمل جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي تہ هنن بدين ضلع کي پنهنجي ڪمائي جو ذريعو ٺاهي بدين جي پيچڙ ۽ ساحلي پٽي کي تباهي جي ورچاڙهي ڇڏيو آهي اسان هاڻ هنن خلاف اينٽي ڪرپشن ايف آءِ اي ۽ نيب جا دروازا کڙڪائينداسين

بقايا سنڌيار 44

گرفتارين خلاف پيرسن جو عورتن ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي 70 ورهين جي پيرسن ولي محمد پٽي ٻڌايو تہ بااثر شخص سرائي اختر حسين پٽي سندس ۽ چاچن جي 64 ايڪڙ زمين تي هٿيار بند ماڻهون وهاري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ سندس پٽن ۽ پائيٽن جي بچا ڳاچا ڪرڻ تي کين وحشاڻو تشدد ڪيو ويو جنهن جي رپورٽ مانجهند ٿاڻي تي ڪرڻ وياسين ت ڪيس سنڌس پٽن سهيل مانجهند ڪاليج جي شاگردن آڪاش عامر پائيٽي سڪندر پٽي کي ٿاڻي تي ويهاري ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن ۾ مونکي فالج ۽ دل جي تڪليف سبب ڇڏي پٽن کي لاڪپ ڪري جيل موڪليو ويو آهي سنڌس پائيٽو ۽ پٽ زخمي آهن پر پوليس وڏيري کان رشوت وٺي ميڊيڪل ليٽر ڏيڻ لاءِ تيار ناهي هن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو تہ حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 45

ووٽ يوسي جنگهڙي بجاءِ يوسي جهمپير ۾ شامل ڪرڻ لاءِ فارم مهيا ڪيا ويا. جيڪي ڪين اڄ تائين پري 25 آڪٽوبر تي اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻا هئا. جتي ڪين ٻيهر 28 آڪٽوبر تي فارم جمع ڪرائڻ جي صلاح ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ متاثر يوسي جهمپير جي ڪيترن ئي رهواسين حاجي عثمان جاڪرو، انور ڪوهستاني، عمر برفت، قادر جاڪرو، رشيد پالاري جي اڳوائي ۾ ڊي سي ٺٽو سان ملاقات ڪري ڪين درپيش سمورن مسئلن کان آگاه ڪيو ان موقعي تي ڊي سي ٺٽو متاثر ڪوهستان واسين کي خاطري ڪرائي تہ سنڌن جائز مسئلا حل ڪيا ويندا. هن چيو تہ نئين ٿيل تڪبندين ۾ جيڪي سنڌن ڳوٺ يوسي جهمپير مان ڪٽجي يوسي جنگهڙي ۾ ويا آهن. اهي ڪين ڏنل فارم پري 28 آڪٽوبر تائين اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪن. ان تي غور ويچار ڪيو ويندو، باقي يوسي جنگهڙي جي آفيس متاثر ڪوهستان واسين جي صلاح، مشوري توڙي انهن جي رضامندي سان جوڙائي ويندي. جنهن لاءِ ڊي سي ٺٽو پاران يوسي جنگهڙي جي چيئرمين کي هڪ ليٽر جاري پڻ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ کيس هدايت ڪئي وئي آهي. هو متاثر ڳوٺاڻن جي تڪليفن کي مدنظر رکندي انهن جي خواهش مطابق يوسي جنگهڙي جي آفيس قائم ڪئي وڃي. ڊي سي ٺٽو پاران اليڪشن ڪميشن ٺٽو کي سفارش ڪئي متاثر ڳوٺاڻن جي ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن جي رضامندي تحت پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن. جيئن هو پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪري سگهن ۽ اليڪشن دوران ڪين ڪنهن قسم جي تڪليف کي منهن ڏيڻو نہ پوي.

بقايا سنڌيار 46

ڪمپيوٽر ليب ۽ سائنس ليب جو پڻ معائنو ڪيو هن چيو تہ استادن تي وڏي ذميواري آهي تہ هو تعليمي نظام جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن تہ جيئن ضلعي مان تعليمي پسماندگي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن. هن استادن کي وڌيڪ چيو تہ هو ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيڻ سان گڏ غير نصابي سرگرمين تي بہ ڪم ڪن تہ جيئن ٻارن جي ذهني تربيت ۽ جسماني نشونما بہ صحيح نموني ٿي سگهي. هن شاگردن تي زور ڏنو تہ هو موبائل ۽ سوشل ميڊيا جي غير ضروري استعمال کان پاسو ڪن ـ هن چيو تہ توهان سڀاڻي جا معمار آهيو ان ڪري هاڻي پنهنجي علائقي جي مالڪي ڪريو ۽ ماحوليات جي بهتري ۽ آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ ٻوٽا لڳائڻ جي مهم ۾ حصو وٺو ۽ پنهنجي حصي جا وڻ لڳايو ۽ پوءِ ان جي حفاظت ڪريو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص ٻارن جي انرولمينٽ ۽ حاضري چيڪ ڪئي ۽ استادن جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي. هن تعليمي ادارن جي انتظاميا کي هدايت ڪئي تہ صفائي سترائي ۽ تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ سميت ٻيا انتظام ڪيا وڃن. ان موقعي تي تعليمي ادارن جي سربراهن پنهنجا مسئلا ٻڌايا. جنهن تي ڊويزنل ڪمشنر سنڌن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ان کان اڳ ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص فيصل احمد عقيلي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سان گڏ مٺي شهر جي سولر آر او پلانٽ ۽ واٽر سپلاءِ ٽينڪ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي تہ صاف پاڻي جي فراهمي ۾ درپيش سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن ۽ عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي بروقت فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي هن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي هدايت ڪئي تہ هو ان حوالي سان تفصيلي رپورٽ ناهي ڪمشنر آفيس ميرپورخاص کي موڪلي.

روزاني سنڌيار کي
نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com